






# پيار جي پهرين بارش

شاعري

## رضوان گل

ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻو
2012ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ جا سڄڻ سلام ..........

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو ڪتاب نمبر **ستهتر (77)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”پيار جي پهرين بارش“** لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ بهترين شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار **رضوان گُل** جي شاعريءَ تي مشتمل آهي.

اسين ٿورائتا آهيون سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر ۽ پياري دوست رضوان گُل جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏني ۽ هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. هي ڪتاب **ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻي** پاران ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**





# ارپنا

جديد سنڌي شاعريءَ جي
ٽن مهان شاعرن

شيخ اياز
استاد بخاري
۽
وفا ناٿن شاهي
جي نالي

- رضوان گل



**هي شعر منهنجي اندر جا اڌما**
**هي لفظ منهنجي زبان آهن**
رضوان گل





# سٽاءُ

پيار جو پهريون اظهار (پبلشر نوٽ) ........................ رياضت برڙو

گل ٻڌجي پئو خار چو تا ٿيو (مهاڳ) .......................... سعيد ميمڻ

شاعري ئي رضوان جي بنيادي سڃاڻپ آهي................ ساجد سنڌي

هي شعر منهنجي اندر جا اڌما (شاعر پاران).............. رضوان گل

- غزل ................................................ 20
- آزاد نظم ............................................ 62
- نثري نظم ............................................ 77
- هائيڪا ............................................. 97
- وايون .............................................. 111
- ٽروينيون ........................................... 123

# پيار جو پهريون اظهار

مون کي ڏاڍي خوشي آهي ته منهنجي دوست رضوان گل کي سڄيءَ سنڌ ۾ ۽ سنڌ کان ٻاهر پڻ هڪ گهڻ رُخي ۽ مشهور ليکڪ طور ٿوب سڃاتو وڃي ٿو ۽ ڪيس چاهيو وڃي ٿو. مون کي ان ڳالهه جي به گهڻي خوشي آهي ته پياري رضوان جو پهريون ڪتاب "**پنج ڏينهن**" (ترجمو ڪيل ڪهاڻيون) ۽ ٻيو ڪتاب "**ساهت ڏيهه جا سرجڻهار**" (سوانحي ليک) ڇپرائڻ کان پوءِ سندس هي ٽيون ڪتاب"**پيار جي پهرين بارش**" جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي ۽ سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي، پڻ مونکي ئي ڇپرائڻ جو موقعو ملي رهيو آهي. رضوان نثر ۾ گذريل ٻن ڏهاڪن کان تسلسل سان، نه صرف انيڪ مضمون، خاڪا، سوانحي ليک ۽ ڪالم لکيا آهن، پر ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکڻ سميت ترجمو پڻ ڪيون آهن. جڏهن ته، شاعري پڻ باوفا محبوبا جيان سندس حسين دل جي هٻڪاريل پڙ تي ناچ ڪندي رهي آهي. هُو سٺو نثرنويس آهي يا سٺو شاعر، اهو فيصلو ڪرڻ ته وقت کان اڳ ٿيندو، جو اڃا ته سندس نثر جون ڪيئي تخليقون خاص طور ڪهاڻين جو ڪتاب ڇپيو ئي ناهي، پر سندس شاعريءَ کي پڙهي اهو تاثر پُختو ٿيڻ لڳي ٿو ته هن جي من اندر شاعريءَ جا ڪيئي رنگارنگي گل ٽڙيل آهن.

* آهي رشتن ۽ ناتن جي انبوهه ۾،
زندگي پاڻ لئه پي بچي ڪونه ٿي.

* ڇو ٿا نفرت جي آڳ پڙڪايو؟
ايئن ته سارو شهر ٻري ويندو.

* سڄو ڄامشورو ويو واسجي،
گهمي ٿي ائين گل هٽي ڇوڪري.

* تو پنهنجي لڙڪن ۾ ڇو وهايو؟
اکين ۾ تنهنجي ٻڏڻ ٿي چاهيو!

رضوان جا ٻيا ڪيترائي اهڙا شعر آهن، جيڪي ڪشش ڪن ٿا. مان جڏهن به رضوان سان ملندو ۽ سندس شاعري ٻڌندو هيس ته اچرج لڳندو هيم، ته رضوان شاعر به آهي! ڇاڪاڻ ته مونکي سندس انداز شاعراڻو محسوس نه ٿيندو هيو. پر، بعد ۾ جڏهن هن جون ڪوتائون ٻڌيون ته هُو واقعي به هڪ حساس شاعر لڳو. سندس احساس ۽ جذبا، سندس اُمنگون ۽ ارمان، سندس سوچون ۽ سپنا، سندس ڌڙڪنون ۽





نظرون، ۽ سندس اتساهه ۽ چاهه سڀئي اهڙو اظهار ڪندي نظر اچن ٿا ته هُو سچ به شاعريءَ جي راهه جو اهو پانڌيئڙو آهي جنهن جي وجود ۾ هٻڪاءَ ۽ هِيرون آهن ۽ جيڪو فطرت کي چاهيندڙ آهي.

رضوان جي شاعري مختلف صنفن ۾ آهي، جن مان موجوده ڪتاب ۾ غزل، آزاد نظم، نثري نظم، هائيڪا، وايون ۽ تروينيون شامل ڪيون اٿائين. مون سندس سموري شاعريءَ جو مطالعو ڪيو آهي ۽ منهنجي ذاتي راءِ ۾ هُن سهڻا غزل به سرجيا آهن، پر سندس نثري نظمن ۾ وڌيڪ سگهه آهي:

جيئن خزان جي موسم ۾
وڻن جا سڪل پن
رستن تي وکري
پُري پوندا آهن،
وڇوڙا به
ائين ئي انسان کي
سڪل پنن جيان
پورا پورا ڪري وجهندا آهن. ("وڇوڙا")

ان کان سواءِ هُن جا نثري نظم "عشق جو اظهار"، "رانديڪا"، "ڪوڙي شانتي"، "دل جون اکيون" ۽ ٻيا پڻ وڻندڙ آهن. "**پيار جي پهرين بارش**" واقعي به رضوان جي پيار جي پهرين برسات آهي، جنهن جون ڪڻيون پنهنجي وجود تي ان احساس وانگر وسن ٿيون، جن کان پوءِ اُجري فطرت کي پسڻ ۽ اندلٺ جي نظاري ڪرڻ جي آس ڪر موڙڻ لڳندي آهي.

ڪاش! تون اچي وڃين
ته ڪي محبتن جا مينهن وسن
۽ منهنجي من کي اجرو ڪري
منهنجا سڀئي غم به ائين ئي ڌوئي ڇڏن
جيئن سڄي رات برسات وسڻ کان پوءِ
شهر جا سڀ رستا
وڻ ٽڻ ۽ وليون
ڌوپجي اڇا اجرا ٿي پيا آهن. ("برسات وسڻ کان پوءِ")

آس اٿم ته رضوان گل جي پيار جي هن پهرين بارش / پهرين شعري مجموعي کي به اوهان سندس اڳ واري ادبي پورهيي وانگر دل کولي قبول ڪندا.

رياضت ٻرڙو
14 مارچ 2012، لاڙڪاڻو

(مهاڳ)

# گل ٻڃجي پئو، خارچو ٿا ٿيو...

منهنجي خيال ۾ زندگيءَ جي هر عمل ۾ هر منظر ۾ جيڪو معنائن ڀريو تصور لڪل آهي ان کي ڀرپور نموني ظاهر ڪرڻ جو نالو فن آهي. پنهنجي خوبصورت پيشڪش ۽ نرالي ڏانءَ سان ئي فنڪار ۾ انفراديت پيدا ٿيندي آهي. جيڪا سندس تخليقن کي ٻين کان ڌار ڪري بيهاريندي آهي. سنڌي شاعرن جي هيڏي وڏي آدم شماريءَ ۾ مون کي تمام ٿورا شاعر نظر اچن ٿا جن جي شاعري ٻين کان منفرد هئڻ جو احساس ڏياري ٿي. رضوان گل جي شاعري شاعرن جي ان وڏي آدم شماريءَ جي وچ ۾ پنهنجي نرالي شناخت قائم ڪرڻ جي جستجو ۾ مصروف آهي ۽ اهو احساس ڏياري ٿي ته ڪائنات جون ڪيتريون ئي نيون ڏسائون ۽ وسعتون سندس نيٽڻ آڏو آهن. اسان جو هي سندر شاعر، شاعريءَ جي شاهراهه تي هڪ عزم سان روانو ٿي چڪو آهي مون کي اميد آهي ته سندس هي شاعراڻو سفر ضرور اعلیٰ منزل ماڻيندو.

اها حقيقت آهي ته اهو شاعر ئي آهي جيڪو هن ڪائنات جي معمولي منظرن کي پنهنجي لفظن سان غير معمولي حسن عطا ڪري ٿو. معمولي ڳالهه ۾ غير معمولي معنیٰ ڳولهي لهي ٿو. جنهن شيءِ تي نظر پويس ته اها ڪيس حيرتن جي وچ ۾ بيهاري ڇڏي ٿي. شاعر ڳنڌل پيئنل لفظن ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏي ٿو. ۽ ها، انهن انوکن شاعرن جي سنڌ ۾ کوٽ ناهي. سڀني وٽ ذات جي پنهنجي الڳ دنيا آهي، پنهنجا رنگ ۽ روپ ۽ پنهنجون سندرتائون آهن. ڪنهن کي ڪنهن تي فوقيت ڏيڻ جي ضرورت ئي ناهي. پر اهو ضرور ڏسڻو آهي ته:

ڪنهن جي شاعراڻي ڪائنات ڪيتري وسيع آهي؟ منجهس موضوعن جو ڪيترو ڦهلاءُ آهي؟ ڇا اها شاعري انسان سان لاڳو ازلي سوالن جا جواب ڏئي ٿي؟ ڇا ان شاعريءَ ۾ انسان جي بنيادي مسئلن جو ذڪر آهي؟ ڇا ان شاعريءَ ۾ سمنڊ جيڏي گهرائي آهي؟ ڇا ان شاعريءَ ۾ ڪنهن ٻار جهڙي معصوميت ۽ سادگي آهي؟ ڇا ان شاعريءَ جي سٽ سٽ پڙهڻ سان لونءَ لونءَ ڪاندارجي وڃي ٿي ۽ من کي روحاني خوشي





نصيب ٿئي ٿي؟ ۽ اها آخري ڳالهه ته، اهو ڏسڻ گهرجي ته ڇا هن شاعر جي شاعري، ساحريءَ ۾ تبديل ٿي وئي آهي؟ يا نه؟ ان قسم جو فيصلو ڪو مون جهڙو ماڻهو يا نقاد ته نه ٿو ڪري سگهي. ڇو ته، شاعريءَ جو صرف اهو ئي نقاد ٿي سگهي ٿو، جيڪو تخليقي سطح تي ان شاعر کان به مٿي بيٺو هجي، جنهن جي شاعريءَ تي هو تنقيد لکي رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان وٽ تنقيد جي کوٽ آهي. شايد اسان وٽ ڪو نقاد اهڙو نه بچيو آهي جيڪو تخليقي سطح تي به مٿاهون بيٺل هجي.

پر مان ڀانيان ٿو منهنجي اها سوچ درست نه آهي. سنڌ ۾ اڃا ڪجهه اهڙا ماڻهو آهن جيڪي تنقيد جي سِرَ تي تاج پارائي سگهن ٿا. جتي پٺڪو لاهڻ وارا ڪيترائي ماڻهو موجود هجن، اتي ڪجهه حقيقي قدردان موجود هوندا آهن.

مان پنهنجي اگهائيءَ سبب رضوان گل جي شاعريءَ تي تفصيلي ته نه ٿو لکي سگهان پر مختصر لفظن ۾ اهو چوندس ته ڪيس مون هڪ بي چين روح رکندڙ شخص وانگر ڏٺو آهي جيڪو ڪڏهن ڪنهن ڳوڙهي موضوع تي تحقيق ڪندي نظر آيو اٿم ته ڪڏهن ڪهاڻيون لکندي نظر آيو آهي، ڪڏهن ڪالم لکندي نظر آيو آهي ته ڪڏهن ترجما ڪندي ۽ ڪڏهن خوبصورت ۽ دل کي ڇهندڙ شاعري ڪندي. سندس من جو رجحان پلي مختلف پاسن ڏي ورهايل هجي پر الائي ڇو مون کي شدت سان محسوس ٿيندو آهي ته مون جيان سندس اصل شناخت صرف Poetry ئي آهي. جنهن سان جنون جي حد تائين سندس وابستگي محسوس ٿيندي آهي. مون رضوان جي من ۾ سدائين اظهار جي لاءِ آنڌ مانڌ ڏٺي آهي. پر ڳالهه رڳو اظهار ڪرڻ جي ئي نه آهي. اهميت ان ڳالهه جي آهي ته ان اظهار ۾ اثر هجي، سحرڪاري هجي، منجهس فن جي پختگي هجي ۽ اها من جي ڳالهه تخليقي ۽ آرٽسٽڪ هجي ۽ رضوان جي شاعريءَ ۾ اهي مٿيون خوبيون گهٽي حد تائين موجود آهن، ان حوالي سان سندس ڪجهه شاعري مان اوهان سان شيئر ضرور ڪندس:

ڪنهن کي آٿت ڏين ٿا روئارن به ٿا
لفظ مرهم جي آهن ته گهائن به ٿا

— —

آخري پيرو پرنم اکين سان جڏهن
اک ملايئي ته لڙڪن جون لارون هيون

— —

نيڻ تو جو ڪٽي نهاريو آ
ساري محفل جي ڏيان ۾ آهيون

— —

اندر جون موسمون پن ڇڻ
تہ کهڙيون رونقون آهن

— —

اسان سر اڏيءَ تي رکي تا ڇڏيون،
زبان ڪوڙ تي جو، وري ڪنہ تي.

— —

آدم جو اولاد سمورو
ڇا لئہ هيڏيون ذاتيون آهن
سادن ماڻهن سان هت اڪثر
ٿينديون ويسهہ گهاتيون آهن

هڪڙي ڳالهہ مون رضوان جي غزلن ۾ خاص طور محسوس ڪئي آهي تہ سندس غزلن ۾ قافيي ۽ رديف جو دلڪش رچاءُ ملي ٿو. شاعر جيڪڏهن رديف جو خوبصورت استعمال ڄاڻي ٿو تہ اهو غزل سونهن ڪي چوڏهن چنڊ لڳائي ٿو ڇڏي. غزل جي هڪ رديف جي حوالي سان مون ڪي نارائڻ شيام جو هڪ شعر ياد اچي ٿو، جنهن مان رديف جي اهميت جي خبر پوي ٿي تہ اهو غزل لاءِ ڪيترو اهم آهي:

آڪيرو جيئن پکيءَ لئہ، غزل لئہ رديف آ
هي چيهہ بيت بيت جو، هر هر اڏار جو.

آءٌ اوهان سان رضوان جا ڪجهہ خوبصورت شعر شيئر ڪري رهيو هوس:

سيئي چوڪريون مينهن جون ڇڻ ڪٽيون
تون منهنجي حصي جي ڪٽي چوڪري

— —

ڪنهن جو آنچل هوا اڏاريو هو
ويڪرا روڊ ويڪريون ڇاتيون





ڄامشوري يونيورسٽي جي حوالي سان سندس بہ پيارا هائيڪا آهن:

رستا ڪشادا
يونيورسٽي جي روڊ تي
جوڙا هن پيادا

— —

ڄامشوري جو سج
ڪئمپس ۾ ڇٽي ويو
محبت جو آ بج

مان پانيان تو شاعر جنهن ماحول ۾ پاڻ رهيو آهي ان ماحول جي سهٽي عڪاسي ڪري سگهي ٿو ۽ بي ڳالهہ تہ ذاتي مشاهدي ڪي جڏهن اسين بيان ڪريون ٿا تہ ان ۾ هڪڙي ياد يا خواب جهڙي ڪيفيت پيدا ٿيو وڃي. رضوان سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهيو آهي جتان جو مشاهدو سندس شاعريءَ ۾ پڻ موجود آهي.

مون رضوان جي شاعريءَ تي تفصيلي لکڻ پئي چاهيو پر طبعيت جي ناچاڪيءَ سبب اڄ ڪلهہ گهڻو نہ تو لکي سگهان. باقي سندس ڪتاب "پيار جي پهرين بارش" جي شاعري پڙهي اتم. جهڙو هن جو غزل سهڻو آهي تهڙو سندس هائيڪن ۽ نثري نظمن ۾ حسن آهي. هن ڪتاب ۾ غزلن، هائيڪن ۽ نثري نظمن سان گڏ آزاد نظم، وايون ۽ ترويينيون پڻ شامل آهن. رضوان جي شاعريءَ ۾ ٽڪ جي رلهيءَ جهڙو تناسب رڪنڊڙ رچاءُ بہ آهي تہ سنڌ ڌرتيءَ جي ڪلچر جي خوشبو ۽ رنگيني بہ موجود آهي.

سنڌ ڌرتيءَ ڪي خوشبو سان واسي ڇڏيو
گل ٻڄي پئو، خار چو تا ٿيو!؟

سعيد ميمڻ
عاقل _ 15.01.2012

# شاعري ئي رضوان جي بنيادي سڃاڻپ آهي!

من چڙواڳ جون مڙئي چلولايون ڪڏهن ڪڏهن مٺي مرڪ جي مناس ۾ ايترو ته تاثير پرين ٿيون جو چاهيندي به ان کان پاڻ پري نه ٿا ڪري سگهون. هيئنر منهنجون اکيون ماضيءَ جي ڏند ۾ ٽڪ ٻڌي بيٺل آهن. هڪ معصوم چهرو دنياوي الجهنن کان بي نياز مون سان گڏ اسڪول جي پارڪ ۾ ٽهڪ شيئر ڪري رهيو آهي، سندس ساڄي هٿ جون آڱريون ”سامي جا سلوڪ“ ڪتاب جي وچ ۾ وچڙيل آهن، هو مون جيان شاعري جي سٽن کي سمجهڻ ۽ سلجهائڻ بنا خوب رٽي رهيو آهي. اسان ٻنهي شاهه، سچل ۽ سامي سميت ٻين ڪيترن ئي شاعرن جي چونڊ شعرن کي حفظ ڪيو هو، ان وقت سوين شعر، ان ميچوئر ذهن جي ڪئنواس تي نقش ٿي چڪا هئا. بيت بازي جي مقابلي ۾ پاڻ اڳ کان اڳرا رهيا سين، ان معصوم احساسن سان متل مانداڻ جي مهڪ شايد پنهنجي وجود کي ايترو واسي ڇڏيو جو پاڻ ٻئي اڄ به شاهه، سچل ۽ سامي جي سٽن جي گهرائي ماپڻ لاءِ ڪوشان آهيون.

ان معصوم دنيا کان شروع ڪيل سفر اڃان به روان دوان آهي، جنهن جي منزل جو پري پري تائين ڪو نانءُ نشان ناهي. ان وچ ۾ پاڻ ڪيترا پنا ڪارا ڪيا ۽ ڪيترن ڪتابن جو ورد ڪيو. ان جو ڪو ڪاتو ڪونهي.

اڄ هن جي اکين اڳيان اڇي عينڪ چڙهيل آهي، ڪتاب اڄ به سندس دوست آهن ۽ دوستي دلبرين سان پرپور ساڳي محبت ۽ معصوميت سان سرشار آهي. هو پل بهشت جو داروغو رضوان نه هجي پر ڪيس محبت ۽ معصوميت جو داروغو رضوان سڏڻ لاءِ دل سٽون ٿي ڪائي. ڇاڪاڻ ته رضوان جي ڪوتائن ۾ به ايتري ئي معصوميت ڀريل آهي جيتري سندس چهري تي نمايان نظر اچي ٿي.





سندس اکين تان چشمو هٽائي ڏسڻ جي به ضرورت ناهي، رضوان گل ته ڪوتا ڪاڪ جو اهو گل آهي جنهن جي مهڪ مومل جي طلسماتي تجربن کي به تاراج ڪري ڇڏي. ڀل ان کي ڪو منهنجي انفرادي سوچ سڏي پر پنهنجو ڪنهن به سوچ سان ڪو سروڪار ڪانهي:

پيو وقت تو وار چاندي ڪري
جواني ڪڏهن پيي، وري ڪونه ٿي
اسان سر اڏيءَ تي رکي ٿا ڇڏيون
زبان ڪوڙ تي جو وري ڪونه ٿي.

رضوان شاعري جي مختلف صنفن ۾ پنهنجي احساس جي اپٽار سان اندر جي اڄ اجهائيندو رهيو آهي، هن جا نفيس احساس جڻ پاڻ مرادو پنن تي پکڙجي ويا آهن، شايد ان ڪري ئي سندس غزل ۾ هرڻيءَ جا ٽپا مختلف روپن ۾ پاڻ وٺائڻ لاءِ اتاولا آهن. هو سادن ۽ سلوڻن لفظن ۾ داخلي ۽ خارجي احساسن کي پنهنجي منفرد ڍنگ سان پنن تي پٽاريندو رهيو آهي ۽ لفاظيءَ جي جار کان پاڻ بچائيندي پنهنجو هڪ الڳ رستو جوڙيو آهي. رضوان گل هڪ پلوڙ نثر نويس طور به عدد ڪتاب ڏئي ادبي ڪيتر ۾ پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ ناهي آهي. سندس شاعري جو هي پهريون شعري مجموعو ”پيار جي پهرين بارش“ به يقينن مجتا جا موتي ميڙي ڪيس هڪ الڳ سڃاڻپ بخشيندو، توڙي جو اها ادب دوستن کي گهٽ خبر آهي ته شاعري ئي رضوان جي بنيادي سڃاڻپ آهي، شايد هو لکڻ جا اصل محرڪ نظم کان وڌيڪ پختگيءَ سان بيان ڪرڻ ۾ آساني محسوس ڪري ٿو. جڏهن ته شاعري جنهن لاءِ ارسطو پنهنجي ڪتاب (Poetics & Rhetoric) ۾ لکيو ته ”شاعري فلسفي کان وڌيڪ فڪر انگيز ۽ تاريخ کان وڌيڪ سبق آموز ٿئي ٿي“ جنهن مان پروڙ پوي ٿي ته شاعر وقت جا تاريخدان آهن، جيڪي پنهنجي

دور جي سمورين وارتائن کي لفظن جي مالهائن ۾ پوئي هڪ اهڙي تاريخ رقم ڪن ٿا، جيڪا گهڻي وقت تائين مختلف دورن مٿان اثر انداز ٿيندي رهي ٿي. موجوده وقت ۾ شاعرن جي ڏکڻي ڪيپ ۾ رضوان گل جون ڪوتائون به معاشرتي وارتائن جي ترجماني ڪندي نظر اچن ٿيون ته رومانس سان ڀرپور جذبن جون عڪاس به آهن.

ڪنهن کي آٿت ڏين ٿا روئارن به ٿا
لفظ مرهم جي آهن ته گهائن به ٿا

—

هي شعر منهنجي اندر جا اڌما
هي لفظ منهنجي زبان آهن

ڏسون ٿا ته دونهاٽيل دنيا جي پوتر ڌرتي بيگناهن جي رت سان ريٽيل ۽ عظيم گناهن سان داغدار ٿيل آهي. چوندا آهن ته هر دور ۾ تاريخ پاڻ کي ورجائيندي رهي آهي. موجوده حالتن پٽاندر رضوان گل جا ڪافي شعر غزلن توڙي بين صنفن ۾ وقت بوقت ٿيندڙ وارتائن جو آئينو بڻجي پاڻ طرف متوجه ڪندي پنهنجي ڪاهلي ۽ ڪانئرتا مٿان ننوليون به ڪن ٿا.

هر طرف وحشتون، نفرتون، ڪوڙ آ
ڪنڊ ورائي سچي هيءَ صدي ٿا ڏسون

—

گل کي گولين سان اڏايو ويو
فرش تي پکڙيل هر پتي ٿا ڏسون

—





اسان جي حياتي پراڻو وڳو
ائين وقت جيون کي چوڙي وڌو

ڏس شيشي جا گهر آهن
ماڻهو پر پٿر آهن
ٺهڪن وچڙي سال ٿيا
لڙڪن جا لشڪر آهن

—

آهي تاريخ شاهد رڳو
سنڌ کي ڪربلائون مليو

رضوان گهڻن شعرن جيان ڪيترن ئي شعرن ۾ دنياوي دهشتن ۽ وحشتن جي دل ڏاريندڙ منظرن کي پنهنجي احساسن سان اپارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙيون ڪيتريون ئي سٽون هن ڪتاب جي مختلف ورقن ۾ سندس حساس پٽي جي جهلڪ طور موجود آهن، پر سندس شاعري جو گهڻو ٽڪو حصو رومانيت ۽ جماليات جو ڀرپور اظهار آهي، جنهن ۾ حسن، محبت، وصل، وصال، انتظار، تڙپ ۽ شڪوه شڪايت سميت اهي تمام داخلي ڪيفيتون غم جانان سان سرشار آهن، جن کي پڙهندي دل بار بار پڙهڻ چاهيندي آهي ۽ اها ئي هڪ سهڻي شاعري جي وڏي ۾ وڏي خوبي ۽ ڪاميابي آهي جو هر پڙهندڙ سندس سٽن اندر پنهنجي پناهه ڳولي ۽ پنهنجي احساسن کي ان شاعر جي لفظن سان بيان ڪري. يقين نه اچي ته سندس هن ئي ڪتاب مان ڪنيل ڪجهه هينيان شعر پڙهو ۽ سونهن جي پر ڪيف وادين ۾ محبتن جي لذت ماڻيو.

ڪنهن جو آنچل هوا اڏاريو هو
ويڪرا روڊ، ويڪريون چاتيون

—

ٿهي ُلپ تي ڪري واڪا وسي جي اوچتو پيئون
نہ ٿيون وسرن اسان ڪان سي گهٽائون ڄامشوري جون

رات سموري تنهنجي يادن
مون سان پاڪيون پاتيون آهن

—

تلخ لهجن سان معصوم دل جي مٿان
زهر جملن سندا وارَ چو ٽا ٿيو!
مرڪ ريڪا ٿيو، دردوندن جي لئہ،
ڪنهن جي نيڻن سندا نار چو ٽا ٿيو!

—

تنهنجون اکيون
سونهن جي پهرين منزل
۽ تنهنجا چپ
ان منزل جي پڄاڻي

—

ورق يادگيرين جا چو ٿو ورائين
سيئي ياد ايندئي اهي پنڊ پوڙها
اڙي ڄامشورا، اڙي ڄامشورا.

اهڙا بيا ڪوڙ سارا شعر رضوان جي ڪتاب ”پيار جي پهرين بارش“ جي وسڪار ۾ وڏي ڦڙي جيان پنهنجي وجود جي گهرائي ۾ لهندي محسوس ٿيندا.

ساجد سنڌي
حيدرآباد





## هي شعر منهنجي اندر جا اڌما..

شاعريءَ سان منهنجو تمام گهرو سٻنڌ آهي، شاعري منهنجي روح ۾ ائين سمايل آهي جيئن رڳن ۾ گردش ڪندڙ لهو. جيڪو جيستائين گردش ڪندو تيستائين ساهہ هلندو پر جڏهن اها گردش رڪجي ويندي تڏهن ساهہ نڪري ويندو. بلڪل ائين ئي شاعريءَ مون کي هر پل هر لمحي جيون جي مونجهارن ۾ آڪسيجن ۽ اتساهہ بخشيو آهي. ڀٽائيءَ جو رسالو هجي، شيخ اياز جي شاعري هجي يا استاد ۽ وفا جا غزل، بيت، نظم ۽ وايون هجن، مون جيون جي ننڍڻ اس ۾ سدائين انهن مان ڇانورو حاصل ڪيو آهي. جڏهن بہ من ۾ مونجهہ محسوس ٿيندي آهي تہ مان شاعريءَ ۾ ئي پناهہ وٺندو آهيان. جيتوڻيڪ منهنجا ادبي دوست مون کي هڪ نثر نگار جي حوالي سان وڌيڪ سڃاڻن پر مان پاڻ کي بنيادي طور شاعر ئي سمجهان ٿو ڇالاءِ تہ مان لکڻ جي شروعات ئي شاعريءَ سان ڪئي هئي. اها ڳالهہ درست آهي تہ مون شاعريءَ جي ڀيٽ ۾ نثر ۾ وڌيڪ لکيو آهي اهو ئي سبب آهي جو منهنجا هن کان اڳ آيل بہ ڪتاب نثر جا ئي آهن. ان حوالي سان مان هتي اهو اعتراف بہ ڪرڻ چاهيان ٿو تہ منهنجي شاعري منهنجي نثري لکڻين جي ڀيٽ ۾ اڃا معصوم ٻار جيان آهي جنهن کي اڃا وڏو ويجهڻو ۽ جوان جماڻ ٿيڻو آهي.

هي منهنجي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب ”پيار جي پهرين بارش“ مون جيئن جو تيئن پنهنجي روح جي سمورين سچائين ۽ سادگين سميت اوهان جي هٿن تائين پهچايو آهي. هي بارش، پيار جي بارش آهي جنهن ۾ مان ڪيترائي ڀيرا ڀُسيو آهيان، پوءِ اهي سنڌ يونيورسٽي جا ڪشادا روڊ هجن، ڄامشوري جون سوڙهيون گهٽيون هجن يا لاڙڪاڻي جا اهي رستا هجن جتان جي چپي چپي

سان منھنجو ننڍپڻ وابستہ آھي. منھنجي انھن شعرن ۾ ڄامشوري جون ھوائون بہ موجود آھن تہ اھي پٿريلا رستا بہ جتي پيار جا ڪيترائي وچن ۽ واعدا بہ ٿين ٿا تہ نيٽن ۾ لڙڪ جون لارون وھائيندي ڪيترائي وڇوڙا پڻ ٿيندي نظر اچن ٿا. اکين ئي اکين ۾ شرارتون بہ ٿين ٿيون تہ نظرن ئي نظرن ۾ موڪلاڻيون بہ ٿين ٿيون. جڏھن مان سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙھندو ھوس تہ صبح جي وقت ھاسٽل کان جاگرافي ڊپارٽمينٽ تائين ايندي ھر روز ڪيترائي منظر اکين جي آسمان تي اڀرندا ھئا جيڪي ڊائريءَ تي ڪوتائن جي صورت ۾ جيئن جو تيئن چٽجي ويندا ھئا. خوبصورت اکيون، گلابي ڳل، ريشمي وار، قاتل ادائون ۽ ٻيا ڪيترائي منظر شعر لکڻ تي مجبور ڪندا ھئا، اھا شاعري جيڪا ان ماحول ۾ ڪيل آھي سا منھنجي جيون جي انھن ڏينھن جي جھڙوڪ ڊائري بہ آھي. اھي ڏينھن اڄ بہ ياد ڪجن ٿا تہ من مھڪي پوي ٿو، رابيل جي خوشبو سان پورو وجود واسجي ٿو وڃي، اندر جي جھان ۾ ھلڪي بوندا باندي بہ ٿيڻ لڳي ٿي ۽ دل جي ڌرتيءَ تي خوبصورت گلاب ٽڙي پون ٿا.

مان سنڌي ٻوليءَ جي سيبتي شاعر ۽ پنھنجي پياري دوست سعيد ميمڻ جو ٿورائتو آھيان جنھن طبعيت جي ناسازيءَ باوجود بہ ھن ڪتاب لاءِ پيار جا ٻہ لفظ لکيا. مان سائين اياز گل، سائين ادل سومري، سائين محمد علي پناڻ، پياري ساجد سنڌي، پياري بابا ڊاڪٽر بشير احمد شاد، پياري احسان دانش ۽ پياري رياضت ٻرڙي جو پڻ ٿورائتو آھيان جن ھن ڪتاب آڻڻ ۾ مون سان سھڪار ڪيو ۽ پيار جا ٻہ اکر لکيا.

رضوان گل
ھيڊ آف جاگرافي ڊپارٽمينٽ
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو

Email: rizwangul46@yahoo.com , Cell # 03337553823







اسان کي هئي سا وڻي چوکري
جا چاهت اسان جي بڻي چوکري

هو مرکي تہ مک مان بکي پيو اهو
تہ معصوم آهي گهڻي چوکري

اسان جون وفائون نہ ٺُڪراءِ تون
اٿئي ڪوئي سائين ڏٺي چوکري

سڄو جامشورو ويو واسجي
گهمي تي ائين گل هٽي چوکري

سيئي چوکريون مينهن جون جڻ ڪٽيون
تون منهنجي حصي جي ڪٽي چوکري

پو جيون بہ ڪيڏو تو سهڻو لڳي
ملي تي جڏهن پدمڻي چوکري





ڳوڙها ڳاڙي ٽڪي آ تنهائي
تنهنجي پويان يڪي آ تنهائي

سڀ اڪيلو ڇڏي ويا آهن
هيءَ منهنجي سکي آ تنهائي

تيز سردي ۽ برف باريءَ ۾
رات مون سان ٿَڪي آ تنهائي

سات ڪوئي بہ ڪونہ تو ڏي پر
ڏس تہ ڪيڏي سخي آ تنهائي

تنهنجا ميسيج تا اڄن هاڻي
ائين لڳي تو جهڪي آ تنهائي

تون اچي وئين تہ اڏامي ويئي
جڻ تہ ڪوئي پکي آ تنهائي

هڪ ٿيو پاڻ ۾ ڏار چو ٿا ٿيو!
جيت جا گيت چئو، هارَ چو ٿا ٿيو!

ٻُتَ انائن جا پورا ڪري سڀ ڇڏيو،
پاڻ ۾ ٿا وڙهو! ٻار چو ٿا ٿيو!

مرڪ ريڪا ٿيو، دردوندن جي لئہ
ڪنهن جي نيڻن سندا نار چو ٿا ٿيو!

ٿوري همت ڪيو، حوصلو حوصلو،
ايئن جلدي خفا، يار چو ٿا ٿيو!

سنڌ ڌرتيءَ ڪي خوشبو سان واسي ڇڏيو
گل بڻجي پئو، خار چو ٿا ٿيو!





دلين ۾ نفرتون آهن
بظاهر الفتون آهن

اندر جون موسمون پن ڇڻ
تہ ڪهڙيون رونقون آهن

پيو ٿو چهرا بدلائي
وڏي ويون حيرتون آهن

محبت ٿي وڃي حاصل
اندر ۾ حسرتون آهن

هنيائين ڪِک ۾ خنجر
چيائين حجتون آهن

پلي ڪچليو، ڏيڻ خوشبو
گلن جون عادتون آهن

عشق جي امتحان ۾ آهيون،
ڪنهن انوکي جهان ۾ آهيون.

هيءَ دنيا لڳي پيئي بازار،
پاڻ هڪڙي دڪان ۾ آهيون.

نيڻ تو جو ڪٽي نهاريو آ،
ساري محفل جي ڌيان ۾ آهيون.

سچ تي سوپ سولڙي ناهي،
رهزنن جي نشان ۾ آهيون.

گُل کي ماڪ چميون ڏيندي چيو،
هاڻي تنهنجي امان ۾ آهيون.





اسان کي ياد آيون هن هوائون ڄامشوري جون
وساري ڪيئن ٿيون سگهجن وفائون ڄامشوري جون

اهي لمحا اهي راتيون هيون جاڳي جي ڳَڌ گهاريون
اڃان تائين اندر ۾ هن سنپارون ڄامشوري جون

نهي ُلپ تي ڪري واڪا وسي جي اوچتو پيئون
نہ ٿيون وسرن اسان کان سي گهٽائون ڄامشوري جون

ڪري مَڌ مست ماڻهوءَ جي تن من کي ڇڏن جيڪي
اهي اڄ پي سلامت هن ادائون ڄامشوري جون

هجي پل بوربن، ڪشمير يا ڪيلاش جي وادي
اسان جي سنڌ سهڻي، درسگاهون ڄامشوري جون

ڪري ٿي آجيان سڀ جي اها ساجاه جي نگري
ڪليل هر پل رهن ٿيون اڄ بہ ٻانهون ڄامشوري جون

ويون گهايل ڪري مَن کي اسانجي روح کي رولي
اڃا پي ياد آهن سي نگاهون ڄامشوري جون

اسان جي دل جي دنيا کي اجاڙي جا هلي وئي آ
اها ڪاٿي آ ڳولهي ڏيو هوائون ڄامشوري جون

اوهان ڪان ڪڏهن دل پري ڪونہ ٿي
تڏهن هاڻي ساعت، سري ڪونہ ٿي

پيو وقت ٿو وارُ چاندي ڪري،
جواني ڪڏهن پي، وري ڪونہ ٿي

ڪراچي ڪي ڪربل بڻايو اٿن،
سندن دل اجا پي، ٺري ڪونہ ٿي

سوين هيانو ڪائي ڇُڪي آ مگر،
ڪرپشن جي ڏائڻ، مري ڪونہ ٿي

نراشا جي اوندهہ انڌوڪار ۾،
بتي آس جي ڪا، ٻري ڪونہ ٿي

اسان سر اڏيءَ تي رکي ٿا ڇڏيون،
زبان ڪوڙ تي جو، وري ڪونہ ٿي.





آءُ ويجهو تہ يار بارش ۾
ٿي نہ ٿورو بہ ڏار بارش ۾

ڏس هوا سرد ٿي لڳي ڪيڏي
وجهہ ٻانهن جا هار بارش ۾

سارو ماحول هو پيو مهڪي
تو جو ڪوليا ها وار بارش ۾

منهنجي نيڻن جا بند پڃي پيا هن
آئي تنهنجي آ سار بارش ۾

ٿهڪڙا ٿا ٻُرن اڱڻ تي، ڏس،
ڪئين ڪيڏن ٿا ٻار بارش ۾

ٿا ڪچي چت جيان ٿمن ڏس هو
ڪنهنجي نيڻن جا نارُ بارش ۾

ڪائي محفل ته هاڻي مچي ڪونه ٿي
هوءَ مون ڏي هلي جو اچي ڪونه ٿي

آهي رشتن ۽ ناتن جي انبوهه ۾
زندگي پاڻ لئه ڀي بچي ڪونه ٿي

ديو دهشت جا شهرن ۾ ڏوڪي پيا
ڪائي ديوي امن جي اچي ڪونه ٿي

حالتون حوصلا ٿيون جلائن پيون
پريت پنهنجي تڏهن هي پچي ڪونه ٿي

ڪيڏي مصروف ٿي آ وئي زندگي
هڪ گهڙي ڀي ملڻ لئه بچي ڪونه ٿي

هر خوشي ماتمي ويس ۾، دل اندر
آس جي نرتڪي ڀي نچي ڪونه ٿي

اڄ آ سڄ آ رڄ ئي رڄ آ
پيار جي ڪائي ڪڪري وسي ڪونه ٿي





منهنجو دشمن سمورو شهر ٿي ويو
اوپرو آهي پنهنجو ئي گهر ٿي ويو

پيار امرت جيان تو هٿن سان ڏنو
تو پڄاڻان هي جيون زهر ٿي ويو

سمنڊ تي وقت توسان گذاريو اهو
تيز چولي تي آيو، لهر ٿي ويو

تنهنجي مرڪڻ سان، اجرو صبح ٿي پيو
تنهنجي ڪاوڙ ته سانجهي پهر ٿي ويو

هر ڏسا، گهگهه اونده انڌوڪار هو
تنهنجي مرڪڻ سان جانان سحر ٿي ويو

پاڻ کي اوترو ئي ٺاهيندين
حسن کي جيترو تون چاهيندين

عشق ۽ عقل گڏ نہ ٿي سگهندا
باهہ پاڻيءَ سان ڪيئن ملائيندين

پيار ٿورو ڏئي پرين مون کي
درد جي ڳاهہ ۾ پيو ڳاهيندين

تنهنجا احسان اڄ پيي اکڙين تي
مونکي ڪهڙي خبر جتائيندين

هٿ ڪندين تہ پنهنجي چوڌاري
نيڪ نيت نہ ڪنهن کي پائيندين

مان انهي آرزو ۾ تڙپان ٿو
گل چپن سان ڪڏهن لڳائيندين





عقل جي واٽ تان پليو ناهي
عشق جي راهہ ۾ رليو ناهي

بند سدائين آ ڪنهن ڪتاب جيان
راژ ان جو ڪڏهن کُليو ناهي

تنهنجي اکڙين جي بي رُخيءَ وارو
سور ڪنهن ساڻ مون سليو ناهي

سو ٿو پارس ۽ پارسا سڏجي
جنهن کي موقعو ڪڏهن مليو ناهي

سنڌ تي هيڏيون ڏسي هي يلغارون
ڪنهن جو اندر آ جو جليو ناهي

گُهٽ ڪومائي پئي ٿي گل ڪي
چو اجان واءُ ڪو گهليو ناهي

موڪلائيءِ ته لڙڪن جون لارون هيون
هٿ ڇڏائيءِ ته لڙڪن جون لارون هيون

ريل ويندڙ سان دل کي نوان گهاو ڏئي
ڏک وڏائيءِ ته لڙڪن جون لارون هيون

آخري پيرو پرنم اکين سان جڏهن
اک ملائيءِ ته لڙڪن جون لارون هيون

اڄ ورهين کان پوءِ مِهرَ مون تي ڪري
ڦٽ ٻهاريءِ ته لڙڪن جون لارون هيون

تنهنجي وارن ۾ جو سونهندو هو اهو
گُل لتاڙيءِ ته لڙڪن جون لارون هيون





خواهشون ئي سموريون ڪٽي تون وئينءَ
ها خوشيون ئي سموريون ڪٽي تون وئينءَ

دل آ ويران هاڻي رهيو ڪونه ڪجهه
حسرتون ئي سموريون ڪٽي تون وئينءَ

تون هلي چا وئينءَ ڏور مون کان مٺي
رونقون ئي سموريون ڪٽي تون وئينءَ

غم جي اوندهه هٽڻ جو نه امڪان ڪو
روشنيون ئي سموريون ڪٽي تون وئينءَ

دل جي ٿر تي هزارين ڦٽن گل ڪيئن
بارشون ئي سموريون ڪٽي تون وئينءَ

هت اهڙو ڪو سنسار هجي
جت پيار رڳو ئي پيار هجي

جت ڏک نہ ڪنهن کي ٿاندا ڏي
سک هر مک جو سينگار هجي

جت گوليءَ جو آواز نہ تي
بس هر ڪنهن دل ۾ پيار هجي

ڪنهن گل کي پن ڇڻ موت نہ ڏي
هر ڪائي مند بهار هجي

جت ڪاريءَ جي ڪا ڪوڪ نہ تي
محبت جي ئي مهڪار هجي

جت بک وگهي ڪوئي نہ مري
ءِ خوشحالي چوڌار هجي

جت گل نہ ڪوئي مرجهائي
جت هر پاسي هٻڪار هجي





پيار منهنجو نہ ڪو سراب آهي
ءِ نہ تنهنجو وجود خواب آهي

ڄڻ تہ سورج تي ڪو ڪڪر ڇانيو
تنهنجي چهري تي جو نقاب آهي

گهاءَ گهرا ڏنا سندءِ گهورن
تنهنجي نيڻن ۾ ڪو عقاب آهي

تنهنجو چهرو ائين پرين پاسي
باغ ۾ ڪو ٽڙيل گلاب آهي

گل آهيان سگند آهين تون
ساٿ پنهنجو بہ لاجواب آهي

وقت پيو تو وار ڪري
پيو تو چاندي وار ڪري

بند ڪمرو ۽ ديوارون
ڪنهن سان هو گفتار ڪري

دل منهنجي شيشي وانگر
ڏک تنهن ۾ تو ڏار ڪري

هو جو ڪوڙو ڪانئر آ
اکيون ڪنهن سان چار ڪري

موت منا ماڻهو ماري تو
روز اسان ڪان ڏار ڪري

گل ڪي وارن منجهه هٽي
خوشبوءِ سان ڪو پيار ڪري





ڪنهن کي آتت ڏين تا روئارن به تا
لفظ مرهم جي آهن ته گهائن به تا

هونءَ دردن جو دارون به آهن مگر
لفظ پيالا زهر جا پيئارن به تا

هو ته سيني ۾ طوفان بڻجي ڪڏهن
زندگيءَ جي ڏيئي کي اجهائن به تا

ڪنهن جي جذبن جا قاتل به بڻجيو پون
پوءِ غيرت ۾ ڪنهن کي ڪهائن به تا

هن جي چهري ۽ زلفن جي واکاڻ ۾
لفظ معنائون پنهنجون وڃائن به تا

ڏينهن آهي تہ رات ڳولهين ٿو
سچ کان تون نجات ڳولهين ٿو

ڪجهہ نہ هو ھُو ڪمال تي پهتو
ذات ۾ چالاڪِ ذات ڳولهين ٿو

هن جي نيڻن ۾ نهاري ڏس تون
ڪهڙي ٻي ڪائنات ڳولهين ٿو!

جيت جا گيت ڳاءِ او مورک
چو اجا تائين مات ڳولهين ٿو!

پنهنجي اندر جا بت پورا ڪر
ڇا جا لات و منات ڳولهين ٿو

عشق جي ڳالهہ ڪيئن لڪي سگهندي
شور ٿيڻ ڏي چو سانت ڳولهين ٿو





ٿو ملي اندر ۾ ڪو پٿر رکي
گَل ڏئي ٿو ڪچ ۾ خنجر رکي

تو بنان ويران ۽ سنسان آ
ڇا ڪندس مان هيءُ خالي گهر رکي

تو چيو هو ياد ٿئي هڪڙي دفعي
تنهنجي آهيان منهنجي سيني سِر رکي

پيار جا ڪي مينهن برسائين نہ ٿو،
منهنجي دل ۾ چو ويو آن ٻرُ رکي.

درد جا بادل تہ ڌوئي ٿا ڇڏن
تو اندر ۾ چو اجا آ هرُ رکي!

سادگيءَ ۾ دغائون مليون
ڪونه آهن وفائون مليون

زندگي تنهنجو چهرو چميو
ڪيتريون پوڳنائون مليون

چوطرف هن انڌيرا رڳو
ڪونه هن روشنايون مليون

روڊ تي جسم تڙپن پيا
بي جرم هن سزائون مليون

آهي تاريخ شاهد رڳو
سنڌ کي ڪربلائون مليون

گل کي ٿيون بهارون ڪٿي
چو رڳو هن خزائون مليون





من کي جنهن جي تات رهي آ
سوچ ۾ ساري رات رهي آ

ڪوري ڪاغذ تي لفظن جي
رات سڄي برسات رهي آ

ماٺ چپن تي آهي پنهنجي
نيڻن ۾ ڪا بات رهي آ

هن جي سونهن سندرتا آڏو
چانڊوڪي ٻي مات رهي آ

گل جي اوسي پاسي چا لئه
ڪنڊن جي ڪائنات رهي آ

پاڻ کيڏو پري جمالن کان
زندگي ڏور آ اُجالن کان

ميڻ وانگر ڳري رهيو آهيان
تو پڄاڻان مان ڪئين سالن کان

ذهن تي ضبط ٿو ڪيان پو پي
تنهنجي پلجي نہ ٿو خيالن کان

پيار انڌو ۽ حسن ظالم آ
سوچ اتهاس جي حوالن کان

دوستن جي آ ٻُنهند پيي گهري
دشمنن جي هزار پالن کان

گل جو اندر زخم زخم ٿي ويو
تنهنجي تلخيءَ پريل سوالن کان





ڄامشوري جا ڏينهن ۽ راتيون
ڇا جهڙالا هاڻ ڇا تہ برساتيون

ڪنهن جو آنچل هوا اڏاريو هو
ويڪرا روڊ ويڪريون ڇاتيون

سي ها رنگين پل جوانيءَ جا
جن ۾ تو ساڻ ٿيون ملاقاتون

وار ريشم ۽ چپن تي شبنم
ٿهڪ، مرڪون ۽ نظر جون جهاتيون

ڦول خوشبو ويا وکيريندا
۽ پرندن فضا ۾ ڪيون لاتيون

نيڻ برڪا جيان وسي پوندا
جيءَ پنهنجي ۾ جي وڏيون جهاتيون

تنهنجو ناهي ڪوئي جواب پرين
تو سان ڪهڙو ڪبو حساب پرين

بد نظر هي سچو زمانو آ
راهه تي اچ نه بي نقاب پرين

تنهنجي اکڙين جي مد پي جاتم
تن ڪان وڌ ناهي ڪو شراب پرين

لڙڪ نيڻن جا بند ٽوڙن تا
بي رُخيءَ سان نه ڏي عذاب پرين

تنهنجي نالي ڪري ڇڏيا آهن
پنهنجي ڪوتا جا سڀ ڪتاب پرين

گل آهيان مان تنهنجو ساڳيو ئي
مون ڪان ايڏو نه ڪر حجاب پرين





هي سرُ اڏيءَ تي ڌرڻ تي چاهيو
اسان نه توتي مرڻ تي چاهيو

تو پنهنجي لڙڪن ۾ چو وهايو
اکين ۾ تنهنجي ٻڏڻ تي چاهيو

زماني روڪي ڇڏيو هو رستو
اسان نه هر هر اچڻ تي چاهيو

گهٽيءَ جي گند مان لڌو جو ان کي
نه پنهنجو ڪنهن پي ڪرڻ تي چاهيو

اماس تنهنجي اکين جي در ۾
ڏيئو ڪو ٻاري رکڻ تي چاهيو

گلن سان ئي پنهنجي دوستي هئي
نه خار ڪنهن کي ڏيڻ تي چاهيو

ڪري اسان ڪان ويو ڏار رستو،
اسان جو جنهن سان هو پيار رستو.

ڪڪائين گهر ڏي نہ ٿو اچي چو!
خوشين جو ڪوئي بہ يار رستو.

محبتن جي تلاش ۾ هان،
جو هر طرف آ ڏڪار رستو.

جهان جي هن رڻ تتل ۾،
آ چانورو تنهنجي سار رستو.

تو جيڪا نظرن سان مئي پيئاري،
ويو سچو ٿي خمار رستو.

نوان ڪي پنڇي ٿا پنک کولن،
کپي انهن کي اڏار _ رستو.

گلن جي موسم ۾ خار مليا،
خزان ويو ٿي بهار رستو.





هر موڙ تي آ ماري
چو ڳوٺ ڳوٺ ڪاري

هرٽيءَ جيان هيسيل
هن پونءِ جي آ ناري

ايمان اٿس مايا
رشتن جو آ واپاري

ڪيئن ٻوجهہ سهي دک جو
هي من جي تتل ٿاري

ڪجهہ مرڪ انڌيري ۾
ٿئي رات ۾ ڪا ڏياري

هي ذيڻ ُاجايل هن
صحرا جي جڻ واري

خسيس ٿي ويا، مهان آهن
قيامتن جا نشان آهن

هي تنهنجا سارا وچن پيارا
لڳي ٿو سياسي بيان آهن

اسان آ سِرڙو رکيو اڏيءَ تي
اڃا اوهانکي گمان آهن!

اوهان پڄاڻان پرين اسان جي
اندر ۾ غم جا جهان آهن

هي شعر منهنجي اندر جا اڌما
هي لفظ منهنجي زبان آهن





ڪيڏا جهور ويا ٿي پوڙها
ڪونہ رُڪن ٿا پوءِ بہ ڳوڙها

ٻاهر ماڻهو ماڪيءَ جهڙا
اندر ۾ ايڏا چو ڪوڙا

چاهت لئہ ڪا جاءِ نہ آهي
ماڻهو دل جا ٿي ويا سوڙها

آمر جي بوٽن جي هيٺان
ماڻهو هن يا ڪي ماڪوڙا

مظلومن جي داد رسي ڪر
ڏانهن بہ ٻڌ او ليڊر ٻوڙا

سياري جون راتيون آهن
اکڙيون تولاءِ آتيون آهن

تنهنجو شال ملي ڪو درشن
ڪيڏيون پاتيون جهاتيون آهن

رات سموري تنهنجين يادن
مون سان پاڪيون پاتيون آهن

تلخيءَ پريل جملا ڪنهن جا
ڪٺ لڳل چڙ ڪاتيون آهن

آدم جو اولاد سمورو
چا لئہ هيڏيون ذاتيون آهن

سادن ماڻهن سان هت اڪثر
ٺينديون ويسهه گهاتيون آهن





نيري نيري آ جيڪا ندي ٿا ڏسون
گڏ پکي ٿا اڏامن ٻڏي ٿا ڏسون

هر طرف وحشتون، نفرتون، ڪوڙ آ
ڪنڌ ورائي سڄي هيءَ صدي ٿا ڏسون

رات اوندهه انڌوڪار ڪليل پڌر
ڏور تارن ۾ ٽيڙو ڪتي ٿا ڏسون

روڊ تي رهزنيءَ پر پکيڙي چڍيا
آ اجهاڻل امن جي ٻتي ٿا ڏسون

گُل ڪي گولين سان اڏايو ويو
فرش تي پکڙيل هر پتي ٿا ڏسون

هاڻي وچڙين! تہ پوءِ مري ويندو
خود ڪشيءَ ڏي وري، وري ويندو

چو ٿا نفرت جي آڳ پڙڪايو
ايئن تہ سارو شهر ٻري ويندو

تلخ لهجن جا ڪجھ اگر ٺاريو
ورنہ اندرُ سڄو سڙي ويندو

نيتون صاف جي هجن پيارا
ٻيڙو ٻڏندڙ بہ آ ُتري ويندو

سچ جي مچ ۾ نچي ڏس تون
موت سامهون اچي ُڙي ويندو





هوءَ ڪيڏي ڀڪي ٿي وئي
موڪلاڻي يڪي ٿي وئي

تنهنجون سالن کان راهون تڪي
ديد آهي جهڪي ٿي وئي

ڪوبہ ويسهہ نہ مون تي ڪيئين
هن جي دل هئي شڪي ٿي وئي

ٿورڙي شڪ جي ڏڪ سان
پريت پنهنجي ڏڪي ٿي وئي

وقت پيسي ويو، زندگي
جڻ اٽي جي چڪي ٿي وئي

سفر زندگيءَ جي نهوڙي وڌو
صبح شام آهي نچوڙي وڌو

نراشا جون موجون بہ ڪيڏيون وڏيون
مسئلن جي درياھ ٻوڙي وڌو

اسان جي حياتي پراڻو وڳو
ائين وقت جيون کي چوڙي وڌو

هوائن ۾ پرزا ٿي وکري وجون
محبت اسان کي هو جوڙي وڌو

ڪيا ڪيترا تو وچن واعدا
ائين چو سين کي تو ٽوڙي وڌو!





تنهنجي گهور جي آس اکين ۾
خوابن جا هن ٿياس اکين ۾

صحرا وانگر نيڻ اجايل
اڻ ڪٿ آهي پياس اکين ۾

رج ۾ تنهنجو چهرو جرڪيو
جاڳي پيا وشواس اکين ۾

اڄ ڪنل ڪنهن ڳيري وانگر
تڙپن ٿا احساس اکين ۾

پن چڻ جي موسم آئي آ
گل کي آھ نراس اکين ۾

ايئن مون کي نہ گهاءِ رستن تي
ضبط مون سان نياءِ رستن تي

درد هر وات تي روئارن تا
ڪجھ تہ مرڪون ورهاءِ رستن تي

چو ائين سرد تي ويا آهن
تنهنجا جذبا بڌاءِ رستن تي

پياس جنمن ڪان تنهنجي درشن جي
رخ تان پردو هٽاءِ رستن تي

جامشوري جي هوائن تي چيو
مون سان پاڪر تہ پاءِ رستن تي

تنهنجي نيڻن ۾ چا نشا آهن
تورو مون ڏي چتاءِ رستن تي

ڪيچليون هن هوائون ڪيڏن ٿيون
ايئن نہ زلفون وراءِ رستن تي





مرڪي ڏسندي هوءَ، ڪجھ شرمائي پئي
نيڻ ڪٽي پوءِ هيٺ، ڪنڌ جهڪائي پئي

ڪوئي پيو تو يارُ ائين مٿي هر روز
ويس وٽن جا رُتِ، جيئن مٽائي پئي

جيئري ساٿس گڏ ڪوئي ڪونہ رُنو
جيئن وڇڙي ويو دنيا، لڙڪ وهائي پئي

پيار اسان جو شايد ڪيس نہ آيو راس
گهور اسان ڏي هاڻ، هوءَ گهٽائي پئي

تورين گهڙين لئہ مرڪ ڏنئين جيڪا
تورا هاڻ اسان تي ڪيئن جتائي پئي

ها مزو آ چاهه ۾
محبتن ۽ ناهه ۾

فائدو نقصان چاجو
پيار واري راهه ۾

راس ٿيو آهيان پڇي
عشق جي آڙاهه ۾

ناو تي ترندي رهي
دل سندي درياهه ۾

زندگي گذري پئي
بس رڳو پيچ ڏاهه ۾

تون فقط آهين سمايل
منهنجي هر هڪ ساهه ۾





ها هوءَ شرمائي پئي
نظرن کي جهڪائي پئي

دروازو اوٽ ڪري
ليئا ڀي پائي پئي

ڪئين منهنجي فوٽوءَ کي
چاتيءَ سان لائي پئي

مون هٿ وڌايو پر
ڇهندي گهبرائي پئي

ميسيج ڪري ٿي پر
چو ڪونہ ڳالهائي پئي

راتين جو ستارن کي
احوال ٻڌائي پئي

دل ئي دل ۾ ڏاڍو
هوءَ گل کي چاهي پئي

ڪٿي اسان جا پرين آسرا پليل آهن،
اڇي ڏسو تہ اوهان لئہ ئي در کليل آهن.

اوهانکي ياد ڪندي نيڻ رات ڀر برسيا،
اسان جا گِل اڃا تائين ڏس پنل آهن.

اسان جي دل جو هي شيشو ٽٽل جڙيو ناهي،
اوهان جي هٿ ۾ پٿر اڃا ڪنيل آهن.

اڃا تہ ڪين اگهاميون اهي ايامن جون،
دعائون توسان ملڻ جون لکين گهريل آهن.

جڏهن عروج تي ها سين هزارين يار هئا،
اڄ اهي جو نہ آهيون تہ سڀ رٺل آهن.







## بدلجي وئي آن..

نہ ساڳي رهي آن، بدلجي وئي آن
اهي پنهنجا سپنا، سموريو ڪهاڻيون
هيون جيڪي گڏجي گذاريون گهڙيون سي
وساري ڇڏيون تئي!
نہ ساڳي رهي آن، بدلجي وئي آن
ڪٿي پيار جون سي نهارون رهيون هن
نہ سي زندگيءَ جون بهارون رهيون هن
نہ ئي سي هوائون گهٽائون رهيون هن
وچن واعدا سڀ
نہ سي شوخ چنچل ادائون رهيون هن
نہ سي پيار جهاتيون
نہ ئي ٽهڪ ساڳيا
وساري ڇڏيو تئي، نہ ساڳي رهي آن
نہ ساڳي رهي آن، بدلجي وئي آن





وري هاڻي گڏجي
ويهڻ جي نہ ٿو ٿئي
تہ ٿورو پري ڪان ئي نظرون ملائي
اکين ئي اکين ۾ نہ ڪو حال منهنجو
پڇين ٿي پياري !
جيئين اڳ نيڻن ۾ نياپا ڏنئي ٿي
نہ هاڻي تيئين آ
نہ سي ڳهاءَ گهورن ۾ هاڻي رهيا ٿي
لڳي ٿو مٺي!
جا مٺي مون کي ڏاڍي مٺي هئي
سا مٺي ڪا نہ ساڳي رهي آ مٺي
چپ ساڳيا اٿئي، مرڪ ساڳي نہ آ
جا وڇوڙي پڄاڻان
اندر کي اڌو اڌ وئي هئي ڪري
اڄ اها تنهنجي من ۾ تو محسوس ڪيان
تڙپ ساڳي نہ آ !!
لڳي ٿو تہ دل بي ڇڙي کي
مڃائي وڏو تئي...
وساري ڇڏيو تئي، بدلجي وئي آن
نہ ساڳي رهي آن، بدلجي وئي آن...!

## وقت واريءَ جيان...

يونيورسٽيءَ جي ان مست ماحول ۾
تنهنجو سرتين سان گڏجي گهمڻ ۽ کلڻ
ڏاڪٽيون چڙهندي لهندي
وڏا ٽهڪ ڏيندي
ڏسي مونکي هڪ دم صفا چپ ٿيڻ...
منهنجي گذري وڃڻ کانپو سنجيده ٿيڻ...
سمجهه ۾ ڪونه ايندو هيو اڳ پر.....
هاڻي سالن پڄاڻان
مون تنهنجي لکيل هڪ ڪهاڻي پڙهي ..
سا ڪهاڻي نه هئي
جو اهو ئي قصو تو لکي هو ڇڏيو
جنهن کي من منهنجو ڪڏهين نه سمجهي سگهيو.
۽ تڏهن هڪ جڳهه تي ويس مان جمي
جيئن ڪو پٿر هجي
يا وري ڪوئي درياهه يڪدم جمي برف ٿي.
اڄ ... خبر پئي ته تو
مون کي چاهيو هيو
مون هو سمجهيو ته مان
تنهنجي لئه غير هان!
پر ! الائي ته ڇو تو پي ڪجهه هو نه چيو
مان به پنهنجي محبت کي سانڍي رکيو
۽ ٻنهي ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڏهين ڪڍي..
وقت واريءَ جيان مٺ مان ويو وهي.....
هاڻي سوچيان پيو
منهنجو ماضي ته ڪائي ڪهاڻي هيو!!
منهنجو ماضي ته ڪائي ڪهاڻي هيو!!





## ماڻهپو ۽ محبت

آءُ ڳوليون ٻئي.....
سي هوائون گهٽائون
۽ پنهنجون صدائون
جي ٻُرنديون هيون  پاهڻي پنڌ تي
پنهنجا پيرا هيا
ڇا سويرا هيا
پيار جي رند تي
۽ جهڙاليون هوائون
جي تنهنجي بدن جي سڳنڌن کي
ميڙي سهيڙي ڪٽي مون ڏي ايندين هيون
سرمئي شام ۾ ڳڏ ڳداريل گهڙيون
آءُ ڳوليون ٻئي...... آءُ ڳوليون ٻئي......
سارا منظر اهي جيڪي موهيندا ها
پيار جا سي پهر ڪاڏي گم ٿي ويا!
ڇا ته شامون هيون هن  شهر جون ڪڏهن
پيار ڳالهيون هيون
مٺ ماٺيون هيون
روشنيون روشنيون سارا رستا هئا
پوءِ ڇا ٿي ويو هن شهر کي پرين!
ڪنهن ندوري جي هن کي نظر وئي لڳي
ڪاڏي وڪري ويا ٽهڪ هن شهر جا
ماڻهپو نيٺ ڪاڏي هليو ويو پرين
دهشتن دنگ آهن جهليا هلي ڳلي
ماڻهو سارا ڏڪن ٿا پيا ڊپ ۾
پيار وارا هيا جيڪي انسان سي
ڪاڏي گم ٿي ويا

آءُ ڳوليون ٻئي....... آءُ ڳوليون ٻئي......
ڪالهه جيڪي هوائون ٿي چنچل لڳيون
ساهه ڪي تيون گهٽن اڄ الائي ته چو
ها ڏسان تو پيو سو سڄو پيچرو
جيڪو تنهنجا قدم روز چمندو هيو
تون نه آهين مگر تنهنجون يادون اڃان
منهنجي دل ۾ ڏياٽين جيان ٽيون ٻرن
نيڻ منهنجا نرن
جي وڇايل ڳهڙيون مونکي موٽي ملن
شهر جون رونقون مونکي موٽي ملن
امن جا ڪي ڪبوتر اچن پونءِ تي
رت جون هوليون هي ختم ٿي وڃن

ماٺيپي ۽ محبت ڪي ڪاٿان پرين
آءُ ڳوليون ٻئي.... آءُ ڳوليون ٻئي .....





## وڇوڙا، جدايون ۽ تنهائيون

وڇوڙا جدايون ۽ تنهائيون
تو پڄاڻا او پرين
اسان جي اندر ۾ ڪري گهر ويون...
نه ڪوئي اوهان جو پتو
۽ نه هيرن ٽڏين ۾ اهو ئي مزو
جيڪو اڳ جامشوري ۾ هوندو هيو!
ڪيترا ورهه گذري ويا
وقت سيلاب جيان
سڀ ڪٽي آ ويو!
بس فقط
چند لمحن جون ڪي يادگيريون
ذهن جي ڊسڪ ۾ مون سنڀالي رکيون هن
توکي ارپڻ تو چاهيان
اهي سڀ پرين...!!

## ياد۽ون

برسات رُت ۾ جيئن ڪوئي طوفان
بنان ڪنهن به دستڪ
درين ۽ دوارن مان ڏوڪي
اچي ويندو ڪمري ۾ آهي ڪڏهن
ائين ئي او پرين تنهنجون يادون به
اندر جا سڀ در دريون کولي
دل جي محل ۾ اچي ويندڀون آهن
سندم روح ۾ جي رچي ويندڀون آهن
سي يادون، سي واعدا
سي پن ڇڻ جي موسم ۾
ڇٽيل پنن جون ڪي سرگوشيون
اڄ ٻي منهنجي ڪنن ۾ ٻُرن ٿيون پيون
تنهنجي لهجي جي ساري اداسي
اها شام ناسي
جا تنهنجي اکين ۾ ڪيئي پل اٽڪي پئي هئي
اڄا منهنجي اندر ۾ ترسي پئي آ
اهي پل سارا ها ڪيڏا پيارا
جي توسان گذاريا هئا او پرين
سي سيئي پل منهنجي ذهن تان اڃان ٻي مٿيا ڪونہ آهن
۽ ها تنهنجون يادون به ڄڻ ڪوئي طوفان ٻڻجي
اڏاري وڃن ٿيون سڄين ماڙين ڏي
نہ چاهيندي ٻي چو اهي تنهنجون يادون
اندر منجهہ ڏوڪي اچن ٿيون
برسات رت ۾ جيئن ڪوئي طوفان
بنان ڪنهن به دستڪ
درين ۽ دروازن مان ڏوڪي
اچي ويندو ڪمري ۾ آهي ڪڏهن.........





## خواهشون

زندگي گذري وڃي ٿي
خواب سڀ وکري وڃن ٿا
هر دفعي ڪيئي نوان هت سال ايندا ئي رهن ٿا
شال هاڻي آئيندي جا سال آڻن
پنهنجي وستين واهڻن ۾
پنهنجي ڌرتي پنهنجي سرتيءَ لاءِ
دردن جي گهڙين بدران
سکن جون ساعتون ڪي
ديس واسين لاءِ خوشين جا ترانا
شادمانا

پونءِ جي بخمل بدن تي
اڻ ڳڻيا هن زخم جيڪي
سي وري گل ٿي پون شل
خواب جيڪي ديس جي مارن جي نيڻن منجهہ
ساپيائن جي لئہ
صديۡن کان هن ترسيلُ اهي
پورا ٿين شل
پر نہ ڄاڻان ڪيترن ورهين کان
منهنجي خواهشن جو هت ڳلو ڪپجي رهيو آ
پل پکي اڏندا وڃن ٿا
ٿُٽ مان واري وهي ٿي
زندگي گذري وڃي ٿي
خواب سڀ وکري وڃن ٿا .........

## ٿهڪ ۽ سڏڪا

چيائين اکين ۾ چو آلاڻ ٿئي
چيم ڪوئي ڪک آ پيو اک ۾
چيائين هي ڳوڙها ڳلن تائين چو؟!
چيم بس طبيعت ۾ ناهي مزو
چيائين چو خاموش آهين پلا؟!
چيم بس گهٽو ڪم ٿڪاوٽ بہ آ
چيائين تہ ڏس ڪجھ لڪائين پيو!
چيم تو کان ڪجھ پي لڪايو نہ آ
چيائين تہ مون تي ڀروسو نہ ٿئي؟
چيم تو سوا ڪوبہ ساٿي نہ آ
چيائين اکين ۾ ميارون ائين چو؟
چيم مونکي ڪائي شڪايت نہ آ
چيائينُ ڊاسي تہ لڪندي نہ آ
چيم چڏ ڪٽي بي ڪيون ڳالھ ڪا
چيائين وڏو ڪوئي فنڪار آن
ائين، ٿهڪ سڏڪن ۾ وچڙي ويا





## اظهار

اڄ وري مان سالن پڄاڻان
اتي ئي اچي بيٺو آهيان
جتان پاڻ وچڙيا هئا سين
ڪيترائي اکين ئي اکين ۾
نياپا مڪا سين
پر اظهار اندر ۾ ئي رهجي ويو
تيز طوفان سيني ۾ ڪٽي
اڏري ويا سين
هوائن جي رخ تي
وکري ويا سين
نہ مون ئي سميٽيو
نہ تو ئي پرين!
بي رحم وقت ۾ بس هلندا رهيا سين
۽ ٿڪندا رهيا سين
ڪوئي خط نہ ڪا فون
نہ ئي ڪو ايس ايم ايس
وقت واريءَ جيان
مٺ مان نڪري ويو
هڪڙو اظهار
سيني جي پربت ۾ رهجي ويو
جيڪو آتش فشان ڪونہ ٻڌجي سگهيو..!!
جيڪو آتش فشان ڪونہ ٻڌجي سگهيو..!!

## ڊسمبر

هلي آ جو ڊسمبر آ وري آيو
هوائون سرد تي ويون هن
پهاڙن تي برف باري وڌي وئي آ
سمورا روڊ ۽ رستا
ويا تي ڪير جهڙا هن
ڏکها وڻ پيا اڇي چادر
سان ڍڪجي
سيءُ ۾ ٺڙڪي رهيا هن
نہ تنهنجو ڪو پتو آهي
ڪٿي آهين ڪٿي آهين
اسان جو روح تو تڙپي
هي تنهائي وجهي تي وڌ اندر ۾
هي سردي ۽ ڊسمبر جي اڪيلائي
سڏي تي هرگهڙي توکي
چوي تي چو نہ آن آيو
هلي آ جو ڊسمبر آ وري آيو
هلي آ جو ڊسمبر آ وري آيو





## پوپٽ ۽ ڇوڪريون

ڇوڪريون پوپٽن جي پرن جهڙيون
ڪومل ۽ نازڪ...
خيالن ۾ جن جي
اڏامڻ جون ڳالهيون
اکين ۾ حياء ۽ لبن تي ڪهاڻيون
ها مرڪن جا تولا ڦرن تا ائين
جيئين ڪي پنورا سندن آس پاس
گهمن ٿيون هوائن سان گڏجي
جيئين پوپٽن جون اڏارون...

## اداسي ڇانئجي وئي آ

جي تون ناهين تہ هر پاسي
اداسي ڇانئجي وئي آ
چمن ويران تو پاسي
سمورو شهر جڻ ڪائڻ اڇي تو،
هوا پيي ساز ڪوئي ڪونہ ڇيڙيو آ !!
نہ ئي ڪا وڻ تي ڪوئل جي ڪوڪو آ
سمورو لوڪ پيي مايوس پيو ڏسجي
بنا تنهنجي منهنجي سانئڻ
قسم تنهنجو
اداسي ڇانئجي وئي آ... اداسي ڇانئجي وئي آ...

## ٿون منهنجي آن...

مان ڄاڻان ٿو تون منهنجي آن
تون منهنجي آن، تون منهنجي آن
مون کي ساهه کان وڌ تون پياري آن
هر سوچ کان وڌ تون نياري آن
تنهنجي نظرن سان مان گهايل هان
تنهنجي راهن منجهه رلايل هان
تنهنجي پيرن جي مان پايل هان
مان ڄاڻان ٿو تون منهنجي آن
تون منهنجي آن، تون منهنجي آن
مون کي ايئن وسارين ڇو ٿي تون
ائين مرڪي مارين ڇو ٿي تون
مون سان گڏجي سال گذار اڇي
ايئن لمحا گهارين ڇو ٿي تون
هڪ پل ۾ ايئن رساما ڇو
ايڏي ڪاوڙ ڏارين ڇو ٿي تون
تون مون کان پل پي دور نه ٿي
مان ڄاڻان ٿو تون منهنجي آن
تون منهنجي آن، تون منهنجي آن
هن ڌرتيءَ جيڏو پيار اٿم
توسان ناتو ازلي يار اٿم
هر ساهه ۾ تنهنجي سار اٿم
ايئن دور نه ڪر ايڏو مون کي
تنهنجي دل جي پهتل پار اٿم
احساس اندر ۾ جاڳي پيا
تون منهنجي نيٺ نه ٿيڻي آن





سڀ جيت جا گيت اندر ۾ هن
ها دل ۾ ڪا به نه هار اٿم
مان ڄاڻان ٿو تون منهنجي آن
تون منهنجي آن، تون منهنجي آن
پنهنجي اک ڇو مون کان ڦيري ٿئي
هي سيئي پيار جا ويري ٿئي
توڏانهن نظر تن ميري ٿئي
تون ساڻ رقيبن سان ٿهڪين
تون مرڪين ٿي ڇو غيرن سان
اڄ مون کي ايئن لڳو آهي
تلوار اندر ۾ گهيري ٿئي
مان ڄاڻان ٿو تون منهنجي آن
تون منهنجي آن تون منهنجي آن
تون هاڻ نه وڃ تون هاڻ نه وڃ
تون منهنجي ٿوري ڳالهه ته مڃ
مان توکي پنهنجي جان ڏيان، ايمان
ڏيان
۽ تنهنجي در دربان ٿيان
سڀ سپنن ـ شيشا ايئن نه پيچ
تون  ٿورو سوچ مني مون کان
ايئن دور نه وڃ، ائين دور نه وڃ
مان ڄاڻان ٿو تون منهنجي آن
تون منهنجي آن، تون منهنجي آن.



# شاعري نظم





## برف باري

برف باري جي موسم ۾
ڪوهه مري جي
ڪشمير پوائنٽ تي
تون جڏهن منهنجي هٿ ۾
پنهنجو نفيس هٿ ڏنو هو
تہ ان پل ٻاهر وارو سڄو سيءُ
گرمي ۾ تبديل ٿي ويو هو
منهنجو جسم تنور بڻجي ويو هو
ان وقت مون آسمان کي بہ
پاڻ کان هيٺ محسوس ڪيو هو..!

## چنڊ ۽ تون

تون جڏهن
هاسٽل تان ڪارو لباس پائي
ٻاهر نڪرندي هئينءَ
تہ تنهنجو قسم
چنڊ ان وقت ڪوجهو لڳندو هو..
اکين کي نينهن جا نشا چڙهي ويندا هئا
دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويندي هئي
۽ پوءِ ائين ٿيندو هو جو
وقت جا ڪانٽا توکي منهنجي نظرن کان
دور ڪري ڇڏيندا هئا !!

## عشق جو اظهار!

تنهنجون اکيون
عشق جي پهرئين منزل
۽ تنهنجا چپ
ان منزل جي پڇاڙي ..
اکيون جن ڪان
عشق جي ابتدا
ٿئي ٿي
۽ چپ جن سان
ان عشق جو اظهار ڪجي ٿو..!!

## رانديڪا

نندي لاءِ
تون منهنجا ڪيترا
رانديڪا ٽوڙي ڇڏيا هئا
۽ هاڻي جڏهن
تون وڏي ٿي وئي آهين
تڏهن بہ تنهنجي اها عادت
اڃا ناهي وئي
منهنجي دل کي بہ
ڪو رانديڪو سمجهي
ڪن ۾ ئي ٽوڙي ڇڏيئي..!!





## آخري ڏينهن!

تنهنجو  مرڪي نهارڻ
مون لاءِ ايترو اهم آهي
جيترو ڪنهن جي جياپي لاءِ آڪسيجن ...
جنهن ڏينهن تون مرڪي نہ نهاريو
سمجهي ڇڏجانءِ
اهو منهنجي حياتي جو
آخري ڏينهن هوندو!!

## خزائن جي موسم

خزائن جي موسم
صرف وڻن لاءِ ئي نہ
پر حساس ماڻهن لاءِ بہ
ايندي آهي
تلخ روّين جي تِڪيُلن
۽ دک جي هوا
حساس ماڻهن کي بہ
وڻن وانگر ئي
اُجاڙي ڇڏيندا آهن

## ڪمال!

ميندي تہ هرڪوئي هڻندو آهي
پر اها سونهندي صرف
تنهنجي ئي هٿن تي آهي...
اهو مينديءَ جو ڪمال ناهي
اهو تہ تنهنجي هٿن جو ڪمال آهي!
جيڪي مينديءَ کي اهو حسن بخشين ٿا...

## چنچل ڇوڪريون

چپن تي مرڪ
شرم کان ڪنڌ جهڪيل
۽ اندر ۾ ڪوڙ خواهشون
سهيلين کي ڪن ۾ ٻڌايل
اهي رازن نيازن جون ڳالهيون
سڀ ڪجهہ ڪيڏو پيارو لڳندو آهي
جڏهن انهن جا ٽولا
يونيورسٽيءَ جي لان ۽ ڏاڪڻين تي
رهاٽيون ڪندي
هر اينڊڙ ويندڙ کي
نظرن جا تير هڻي گهايل ڪندا آهن.





## چوڏهين جو چنڊ

توکي ڏيئا ٻاريندي ڏٺو هو
ٽمڪندڙ ڏيئن جي وچ ۾
تون ائين ٿي لڳينءَ
جيئن چوڏهين جو چنڊ
ستارن جي ميڙ ۾ بيٺل هجي...

## ڪوڙي شانتي

مان چاهان ٿو تہ
تنهنجي اکين ۾
هماليہ جيڏا خواب آهن
جيڪي مان پورا ڪري ڪونہ سگهندس
پر ! پوءِ بہ منهنجي چاهت ڪان تہ
تون آگاهہ آهين
پل منهنجي دل رکڻ لاءِ ئي
مون ڏانهن نهاري
ٿورو مرڪي تہ پوندي ڪر !
تہ جيئن
دل جي نوٽ تي ويل ڏرتيءَ تي
تنهنجي مرڪ جا مينهن وسڻ سان
منهنجي من کي ڪجهہ گهڙين جي لاءِ
ڪوڙي ئي سهي
پر ڪجهہ شانتي تہ ملي پوي!!

## منظر

تون ٽرين ۾
اڪثر دريءَ واري پاسي ڪان ويهي
پنهنجي ڪاڏي هٿ تي رکي
ٻاهريان منظر ڏسي خوش ٿيندي آهين
خوش ته مان به ٿيندو آهيان..
جو منهنجو سفر به آسان ٿي ويندو آهي
تون منظرن کي ڏسندي آهين
۽ منهنجي لاءِ وري تون خود
هڪ حسين منظر هوندي آهين..

## تنهنجا ٽهڪ

تنهنجا ٽهڪ اچانڪ
پوري ڊپارٽمينٽ ۾ گونجڻ لڳا
ان ويل ئي
بادل برسي پيا
سموري يونيورسٽي جا روڊ ۽ رستا
بارش ۾ آلا ٿي ويا
۽ اچانڪ برسات بند ٿي وئي
تون خاموش جو ٿي وئينءَ ...!





## وڇوڙا

جيئن خزان جي موسم ۾
وڻن جا سڪل پن
رستن تي وکري
ٻُري پوندا آهن
وڇوڙا به
ائين ئي انسان کي
سڪل پنن جيان
پورا پورا ڪري وجهندا آهن.

## تنهنجي وئي ڪان پوءِ

تنهنجي وئي ڪان پوءِ
هاڻي احساس ٿيو ته
منهنجي جيون ۾
خوشيءَ جي موجودگي
صرف توسان ئي سلهاڙيل هئي.
تون هلي جا وئينءَ
دکن ۽ دردن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو
شروع ٿي ويو آهي
هاڻي موٽي اچ
مون کي دردن جي قيد مان آزاد ڪراءِ
جو ته منهنجي جيون ۾
حقيقي خوشيءَ جي معنيٰ تون ئي آهين!

## زندگي

زندگي جون لکين معنائون،
هر معنیٰ خوبصورت
تہ پوءِ
خود ڪشي ڪري
چو تا بي معنیٰ بڻائن ماڻهو
هيڏي سهڻي زندگيءَ کي...!

## شاعري

جڏهن سمورو وجود
باھ جي ڪوري ۾ پچندي
محسوس ٿيندو آهي
يارن ۽ دوستن جا منفي رويا
جيءُ جهوري وجهندا آهن
تڏهن مان
پناھ ڳولهڻ لاءِ
شاعريءَ جي جهان ۾
جهاتي وجهندو آهيان
۽ پوءِ قلم جي نوڪ تي
اندر جون اهي وارتائون
۽ سيئي تلخيون پنن تي خود بخود
اچي ويندي آهن..!!
ائين شاعري مون کي پناھ ڏئي
پنهنجي جهوليءَ ۾ سمهاري ڇڏيندي آهي.



پيار جي پهرين بارش :رضوان گُل

## خواب

اکين ۾ خواب اڻندي
خوشين جا رقص ڪندڙ سندر پل
۽ انهن پلن ۾ سپنن جي
ساپيان ٿيندي ڏسي
هوءَ چوڪري
جيڪا بي مثال ۽ بينظير آهي
من ئي من ۾
ڪيئن نہ مهڪي ٿڙي پوي ٿي
پر!! ڪيس ڪو ٻڌائي تہ ...
اکين ۾ خواب اڻندي
گهڻو اڳتي نہ وڃي
جو خواب اڪثر ڏوڪا ڏيندا آهن
ناسي اکين ۽ پورن ڳلن واري
ان چري چوڪريءَ کي ڪو ٻڌائي
تہ اڪثر خواب حقيقت ناهن ٿيندا...!

## سفر

جڏهن مان بلڪل تنها هوندو آهيان
تہ سفر ۾ انتهائي بوريت ٿيندي آهي
دل چوندي آهي...
جيڪر منزل جلدي ويجهو اچي وڃي
پر جڏهن منهنجا پيارا دوست
مونسان گڏ هوندا آهن
تہ پوءِ دل چاهيندي آهي
هي رستا ڪڏهن بہ ختم نہ ٿين!!
ڇالاءِ تہ دوست ئي منهنجي جيون جو
اهم ترين سرمايو آهن...
جن جي موجودگي مون لاءِ
زندگيءَ جيتري ئي اهم آهي!!

## ممڪن ڪٿي آ

تو چميون ڏيندي پڇيو
”ڪجهہ ڏئو ٿيئي؟“
مون چيو
”هي چاهہ آ
۽ چاهتن مان ڏئو ٿيڻ
ممڪن ڪٿي آ !؟“





## پنبڙيون

تون ائين پنبڙيون نہ چنپ،
چو تہ ان سان منهنجو روح
توڏي ائين ٿو مائل ٿي
جيئن پوپٽ جو من
گلڙن ڏي مائل ٿيندو آهي.

## روح جا رشتا

عام ماڻهو تہ ڪِلي ملي
۽ موڪلائي هليا ويندا آهن
جي ڏک بہ ڏيندا آهن
تہ ليکي ۾ نہ ايندو آهي
ڇا لاءِ تہ ڏک
پنهنجن جو ئي ٿيندو آهي
جن سان روح جا رشتا هوندا آهن!

## ٿر جي ڌرتيءَ تي...

او سانئڻ!
تنهنجي مرڪڻ سان
وسن ٿا مينهن نگريءَ تي
هلي اچ هيل ٿورو مرڪ
ٿر جي ٿوٺ ڌرتيءَ تي.....!!

## دل جون اکيون

زندگيءَ جي صبح شامن ۾
اهڙا حادثا بہ ٿيندا آهن
جن کي اکيون نہ ڏسنديون آهن
ها! ۽ کي سور وري
اندر ۾ موجود هوندا آهن
جن کي ظاهري اکيون
پسي ناهن سگهنديون
پر! دل ڳوڙها ڳاڙي سڏکا پريندي رهندي آهي
جيکي فقط دل جي اکين سان ئي
ڏسي سگهبا آهن
ها! دل جي اکين سان
پر دل جون اکيون
هر کنهن وٽ کٿي ٿيون هجن!

## ڪاري لباس ۾

توکي ڪاري لباس ۾ ڏسي
ايئن لڳندو آهي
ڄڻ تو
خوشيءَ جي جوتيءَ کي
درد جي لباس ۾
ويڙهي ڇڏيو هجي...





## برسات وسڻ کان پوءِ

سڄي رات برسات وسڻ کان پوءِ
شهر جا سڀ رستا
وڻ ٽڻ ۽ وليون
ڏوپجي اڄا اجرا ٿي پيا آهن
سڀ پکي ٽارين تي ويهي
پنهنجا پر ڇنڊيندي
ٻوليون ٻولي رهيا آهن
هر طرف کان
ٿڌڙيون هوائون گهلي رهيون آهن
چون ٿا موسم تبديل ٿي رهي آهي
پر منهنجي اندر جي موسم ۾
اڃا ڪابہ تبديلي اچي ناهي سگهي
ڪاش! تون اچي وڃين
تہ کي محبتن جا مينهن وسن
۽ منهنجي من کي اجرو کري
منهنجا سيئي غم بہ ائين ئي ڌوئي ڇڏن
جيئن سڄي رات برسات وسڻ کانپوءِ
شهر جا سڀ رستا
وڻ ٽڻ ۽ وليون
ڌوپجي اڄا اجرا ٿي پيا آهن.

## نالي جي ريکا

تنهنجي نالي جي ڪا ريکا
ڪونهي شايد
منهنجي هٿ ۾
تنهنڪري ئي مون ڪان
ڪالهه ائين تو
هٿ ڇڏايو هو
۽ چئي ڏنو هو مون کي:
”هاڻي پنهنجي راهه
الڳ آ...
رستو ڌار...
۽ منزل بي آ...!!“

## سالگرهه

تو پنهنجي سالگرهه جو
ڪيڪ هو ٽڙندي ڪٽيو
تنهن پل مون کي ائين لڳو ڄڻ
منهنجي دل تي تو ڇري ڦيري ڇڏي
۽ منهنجي جذبن جا ڪئين ٽڪرا ڪري
سيني ۾ ڏاڍو خوش ٿي
ونڊي ورهائي ها ڇڏيا...
ونڊي ورهائي ها ڇڏيا...





## اکر پڙهن ٿا..

اڄ انهيءَ وڻ کي ڇتايان تو
جتي ڪجهه سال اڳ
تون ڪجهه اکر اکريا هئا
انهيءَ وڻ تي اهي اکر اڄ بي
ڇتا ئي بيٺل آهن
تيز اس جهولا ۽ برساتون
اهي اکر متائي ناهن سگهيا
اڄ مون ڪان اهي اکر پڇن ٿا ته
ڪاٿي آهي اها خوشبو
جيڪا سالن ڪان واپس نه آئي آهي
ڇا ٻڌايان مان انهن لفظن کي
ته هاڻي اها خوشبو اڏامي
مونکي وساري !
ڪنهن نئين دنيا ۾ پهچي وئي آ
جتي احساس پند پهڻ
۽ وشواس ريزه ريزه ٿي
هوائن ۾ اڏامندا آهن
هوءَ مايا جي موهه واري نئين جهان ۾
گم ٿي وئي آهي..
جتي اکرن جي ڪابه اهميت ناهي هوندي..

## وساري نہ سگھندينءَ!

ڇڏي وڃ
هلي وڃ
اڪيلو اسان کي پلي تون ڪري وڃ
مگر ياد رکجانءِ
اسان کي تون ڪڏهين
وساري نہ سگهندينءَ!
وساري نہ سگهندينءَ!

## خوشبو

جڏهن تون مون کان دور ويندي آهين
تہ خبر اٿئي
مان ويتر تنهنجي آس پاس چو اچي ويندو آهيان؟
صرف ان ڪري
تہ تنهنجي آس پاس واري هوا
توکي ڇهي تنهنجي خوشبو کڻي مون سان
ٽڪرائجندي آهي.
ان پل تنهنجي جسم جي اها خوشبو
منهنجي روح تائين پهچي
منهنجي سڄي وجود کي
سڪون جي ان ماتريءَ ڏانهن وٺي ويندي آهي
جتي صرف ۽ صرف
تون ۽ مان ئي هوندا آهيون !





## موت

اڙي موت!
آخر تون ايڏو رهزن چو آهين
تون ايڏا پيارا، سهڻا، ڪلڻا، ملڻا ۽ محبتي ماڻهو
هر روز اسان کان ڇني ڏار
آخر ڪيستائين ڪندو رهندين!؟
آخر ڪيستائين ائين تون اسان کي
رت جا ڳوڙها روئاريندين
آخر ڪڏهن ايندو اهو ڏينهن
جڏهن توکي بہ موت ايندو !!

## اميدون

اميدون انسان جي لاءِ
تمام وڏي آٿت آهن...
جيڪڏهن همت ۽ حوصلا هاري
هٿ هٿ تي رکي ويهبو تہ
يقينا ڀريشانيون ئي پلئہ پونديون
پر بهتر ٿيڻ جي اميد سان
جستجو کي جاري رکي
زندگيءَ جي سفر ۾ پنڌ ڪرڻ سان
ڪاميابيون پيرن جي خاڪ بڻجي پونديون آهن
ان ڪري اميدن جو سهارو ڪنهن بہ موڙ تي
ڇڏڻ هر گز نہ گهرجي
ڇا لاءِ تہ اميدون ئي انسان لاءِ
تمام وڏي آٿت آهن...

## اهاشام

تون چئي وئي هئينءَ
شام جو ملندا سين
تون ضرور اچجانءِ
۽ ان ڏينهن کان پوءِ
آءٌ هر شام جو
ان ئي واٽ تي
بيهندو آهيان
ان ئي گهاٽي پپل جي وڻ هيٺان
جتي تون چيو هو
شام جو ملندا سين
پر! اها شام نه جاڻ
ڪڏهن ايندي !!
ڪيترين ئي شامون
راتين ۾ گم ٿي ويون
ٽڙيون هيرون، گرم جهولا
برساتي موسمون
ڏينهن مهينا ۽ سال
گذرندا رهيا...
۽ اها شام نه آئي
جنهن شام جو
تون چئي وئي هئينءَ..!!





## ياد اٿئي!

سنڌ يونيورسٽي جي ڪشادن رستن تي
ياد اٿئي !
ڪيئن تنهنجا وار وکري ويندا ها
۽ تون آڱرين سان
بار بار وارن کي پوئتي ورائي
پروون چڪي چوندي هئينءَ
”ها ! ته تو ڇا ٿي چيو!؟“
پوءِ آءٌ سونڊ وجهي
توڏانهن ڪاوڙ مان نهاريندو هوس
۽ پوءِ ٻئي ٿهڪ ڏئي کلي پوندا هئا سين...
ڄامشوري جي هوائن جون اهي شرارتون
۽ مون کي چيڙائڻ...
ها ! سڀ ڪجهه جڻ ته
ڪالهه جي ڳالهه ٿي لڳي...
پر ! هاڻي سڀ ڪجهه بدلجي چڪو آهي
هاڻي زندگيءَ ۾ نه تون آهين نه ڄامشورو
نه هوائن جون شرارتون ۽ ٽهڪ
بس هاڻي ته زندگي هر روز
پاڻ تي ٽهڪ ڏيندي آهي
مونکي اڄ به سڀ ڪجهه ياد آهي
شايد تون وساري ڇڏيو هجي
سنڌ يونيورسٽي جي ڪشادن رستن تي
ياد ٿئي مست هوائن ۾
ڪيئن تنهنجا وار وکري ويندا ها.... !!



# هائيڪا





ڪڪر تي اڏريا
پياس هئس ڏاڍي
ٻڪ جهليا صحرا

•

سيءَ جي آ لهر
ڏڪٽي جسمن ۾ وڏي
رات پويان پهر

•

رستا ڪشادا
يونيورسٽيءَ جي روڊ تي
جوڙا هن پيادا

•

چوڏاري ڪڪر
ڏسي ٿر مٿان
هارين ڪاهيا هرَ

•

آس جا ڳوڙها وهيا
سچ سوليءَ تي چڙهيو
ٿياس جا ڳوڙها وهيا

ٻوڏ وئي ٻوڙي
نياڻين ڏاج سميت
سڀ ڪجهه وئي لوڙهي

•

مُرڪي ڏنائون
اکين ئي اکين ۾
نياپا مڪائون

•

ڪويل جي ڪوڪو
مند ملهاري آ
ڳيري جي هو هو

•

درد ڪهاڻي آ
روئندڙ ڇوڪريءَ جي
پيار پڄاڻي آ

•

پياس وڌي وئي آ
دل ٿي چئي بٽجي وڃي
درياهه هي صحرا





ميلا مچن ٿا
وسڪاري ڪانپوءِ سڀ
ٿر ڏي اچن ٿا

•

سياري جي رات
ڪُل ٻري ٿو ڪمري ۾
۽ چوڏاري سانت

•

امن ڪٿان ڳولهيون
هر پاسي آهن رڳو
بم، بڙڇيون، گوليون

•

ڪينجهر ڪناري
ٽڪي پيس تنهنجون
راهون نهاري

•

ميندي لائن ٿيون
سرتيون تنهنجي چوطرف
لاڏا ڳائن ٿيون

تنھنجي ڳِل جو ترُ
ھر ھر گھوريان ٿو پيو
ان مٿان مان سِرُ

•

چوڙين جو آواز
ناريءَ کي آ پنھنجي
سُندرتا تي ناز

•

ڪارونجھر جي ڪور
سھٽا ڪنپ ڪنڊيڙي
ڪيئن نچن ٿا مور

•

اکين ۾ ڳوڙھا
پُٽن گھر بدر ڪيو
روئن ٻہ پوڙھا

•

بندوق جو نڪاءُ
پکي تڙپي مري ويو
ماڻھن لئہ لقاءُ





ڪونجن جي قطار
ڏسن ٿا آڪاس ڏي
هو ڳوناٽا ٻار

•

ٻاھر برف باري
سرديءَ ۾ ونجي وئي
وادي آ ساري

•

اکين ۾ پاٽي
ياءُ ڏنس دڙڪا تڏھن
روئي ٿي راٽي

•

گج پھريل ناري
تجلا ڏي ٿيءُ لس تي
ٿر جي جڻ واري

•

نيرو آسمان
جبل تان بيٺو تڪي
ڏور نوجوان

ڪيڏيون هنساديون
ناريون اتان جون جتي
برفاني واديون

•

سج جيئن اپريو
هرڪو پنهنجي ڪم لاءِ
ٽڪڙو هو سنبريو

•

سوچي ٿي ناري
ٻڪ ۾ مُنهن رکي
لڳي ٿي پياري

•

صبح جي پهر ۾
بد امنيءَ جو ڏنڊ آ پکڙيو
ساري ئي شهر ۾

•

تنهنجا پيارا ٺهڪ
تن مان ٿي اڏري پئي
ڀني ڀني مهڪ





پوڙ پوندا ٿا رهن
آبشارن جيان اکيون
لڙڪ وهندا ٿا رهن

•

ڏرتي ساري باھ
ساھ بچائڻ جي ڪٿي
ڪانھ بچي آ جاءِ

•

يونيورسٽيءَ جا ڏينهن
يارن جون سي ڪچهريون
۽ سانوڻيءَ جا مينهن

•

ميلا مچندا ها
فيڊرل هاسٽل تي
سنگتي نچندا ها

•

ڄامشوري جو سج
ڪئمپس ۾ ڇٽي ويو
محبت جو آ ٻج

سامهون آهي ڪڪر
ماڻهو وڻ پرسان بيٺل
هيٺان آهي ٺڪر

•

ڪجيون لڏن ٽيون
سمنڊ ڪناري تي
ناريون ڪڏن ٽيون

•

ماڻهو لڏيندا ٽا وڃن
دور ڪنهن ٻي ديس ۾
شهر اڏيندا ٽا وڃن

•

پاڻ صفا سادا
ڪي ماڻهو ڄڻ نانگ
ڏنگ گهٽا ڪاڏا

•

ڪيڏا هن فنڪار
ڌوڪا ڏيئي ٽا چون
پاڻ تہ آهيون يار !





ٽي ويا ڏارئون ڏار
بک وجهي وئي رشتن ۾
هيڏا سارا ڏار

•

سج ٻڏي ٿو پيو
ساگر ۾ ٻيڙو
ڪيئن لُڏي ٿو پيو

•

ڏس ٻُکايل آ
روئي ماني ٿو گهري
ٻوڏ ستايل آ

•

آهن سڀ مهان
پنهنجي ڌرتيءَ جا
آدرشي انسان

•

ڪي اندر مان مرُ
پوءِ ئي سهٽو گذرنديئي
جيون جو هي سفر

ڪونجن جي قطار
ڪيڏي ٻڏي پاڻ ۾
ڪونهي ڪائي ڏار

•

ڪيئن ٻري پيو
پاڻيءَ لهرن ۾
چنڊ تري پيو

•

سج لهي ويو آ
صبح ملندا سين
ايئن چئي ويو آ

•

ٿورو ڪُنل آ
خيال تہ آ سهڻو
وزن ٿنل آ

•

گج پهريل ناريون
چوڙيون ٻانهن ۾
لڳن ٿيون پياريون





## پِٽُن تي وسڪار

پِٽُن تي وسڪار
هير ڳُهلي پئي ٿڏڙي
مٿيءَ جي هٻڪار

•

پِٽن تي وسڪار
ڪارونجهر جي ڪور تي
ٻڪرين جي ٻيڪار

•

پِٽن تي وسڪار
دور ٿيندا ڏيهہ ڪان
هي سڀ ڏنڀ ڏڪار

•

پِٽن تي وسڪار
پاڻياريون ٿيون ڪن پيون
هڪ ٻئي سان ڪچڪار

•

پِٽن تي وسڪار
”پوڏيسر“ جي پر ۾
هو ڏس ڪڏنڌڙ ٻار

پٽن تي وسڪار
سارنگ ٿا ڳائڻ پيا
ٿر جا سڀ فنڪار

•

پٽن تي وسڪار
هاڻي هلي آءُ تون
ڍولا منهنجا يار

•

پٽن تي وسڪار
رنج رساما سڀ ختم
هاڻي ڪوبہ نہ ڏار

•

پٽن تي وسڪار
تجلا ڪنوڻن جا ٿيا
سرها ٿيا سنگهار

•

پٽن تي وسڪار
ڌرتي سائي ٿي وئي
لٿا سڀ ڏڪار





پٽن تي وسڪار
سهڻا مور نچن پيا
پر پکيڙي يار

– – –

سڀ مئا ها پروانہ
رات جو شمع ٻري هئي
گڏ ٿيا ها ديوانہ

•

تو ۾ ڪيئي منڊ
هر هر چڪجي ٿو اچان
توڏي چوڏهينءَ چنڊ

•

قيمتي هئي ڪار
روڊ تي چيپاٽي وئي
مسڪينن جو ٻار

•

موسم جهڙالي
اڄ تہ ٿيون پيارا
حالي احوالي



# وايون





تنهنجي مرڪ ائين
جهڙي ماڪيءَ لار
منهنجا ڍولا يار

ياد ائين تنهنجي
ٿر تي جيئن وسڪار
منهنجا ڍولا يار

توکي ڳل پايان
جيئن ڪو سندر هار
منهنجا ڍولا يار

محفل ۾ آئين
ٿي ويئي هٻڪار
منهنجا ڍولا يار
منهنجا ڍولا يار

چو تي وئين پري
ويجهو ته اچ پرين!

تنهنجي سري يلي
منهنجي نه تي سري
ويجهو ته اچ پرين!

جو وقت ويو گذري
واپس وري وري
ويجهو ته اچ پرين!

پردو حيا جو هاٽي
وچ مان پري ڪري
ويجهو ته اچ پرين!
ويجهو ته اچ پرين!





گيت پئي ڳائي
هڪڙي پياري ڇوڪري
ويني من کي تي
ڪيئن نه تڙپائي
هڪڙي پياري ڇوڪري

در کي اوٽ ڪري
ليئا تي پائي
هڪڙي پياري ڇوڪري

روز اچي تي خواب ۾
مون کي پرچائي
هڪڙي پياري ڇوڪري

نيڻ مليا جيئن ئي
مرڪي پئي آهي
هڪڙي پياري ڇوڪري

گل تي چپ رکي
وئي من مهڪائي
هڪڙي پياري ڇوڪري
هڪڙي پياري ڇوڪري

ڪرٽا ڪرٽا لڙڪ
مون ها رات ڏٺا
چنڊ ته روئي ٿو!

ڌرتيءَ سيني تي
ڪيڏا بم سٺا
چنڊ ته روئي ٿو!

خود ڪش حملا ۾
ليڙون سپ لٺا
چنڊ ته روئي ٿو!

ناتا ماڪيءَ جهڙا
ٿي ويا ڪيئن ڪٺا
چنڊ ته روئي ٿو!

ڌرتي روئي ٿي
هوڏي ڏور ڏسا
چنڊ ته روئي ٿو!
چنڊ ته روئي ٿو!





ڪڪر ڪارونيار
هيرَ انٺي جي يار
ٿر وسي پيو آ

هرپاسي مرڪون
ٿي ويا ميگهه ملهار
ٿر وسي پيو آ

من آڳر تي آ
مٿيءَ جي هٻڪار
ٿر وسي پيو آ

گل ٻُٽن تي هن
چوڌاري مهڪار
ٿر وسي پيو آ

مارو پيا مرڪي
سيني ۾ سهڪار
ٿر وسي پيو آ
ٿر وسي پيو آ

ويا ڪيئي وڇڙي هتان هاءِ جوڙا
اڙي ڄامشورا اڙي ڄامشورا!

ورق يادگيرين جا جو تو ورائين
سيئي ياد ايندءِ اهي پنڌ پوڙها
اڙي ڄامشورا اڙي ڄامشورا!

ويا سال گذري خبر ڪانہ پيئي،
اکين ۾ اچن ٿا رڳو اڄ تہ ڳوڙها
اڙي ڄامشورا اڙي ڄامشورا!

وري ياد آيا ڪشادا هو رستا
ڏسي ڳوٺ جا رند ۽ پنڌ سوڙها
اڙي ڄامشورا اڙي ڄامشورا!
اڙي ڄامشورا اڙي ڄامشورا!





گلڙن تي يڪي
پوپٽ اڏرن ٿا

قوم پئي آ ننڊ
سيئي پيا ٽڪي
پوپٽ اڏرن ٿا

اجري صبح جو
ٻولن پيا پکي
پوپٽ اڏرن ٿا

آڇن پيا ٿا رس
ڪيڏا گل سکي
پوپٽ اڏرن ٿا
پوپٽ اڏرن ٿا

هٿ ڏئي منهن تي
هوءَ شرمائي ٿي
چوڙيون ڇڻڪن ٿيون

نيڻ ڪٽي هر هر
ڪنڌ جهڪائي ٿي
چوڙيون ڇڻڪن ٿيون

ناري ڪمري ۾
ويس مٽائي ٿي
چوڙيون ڇڻڪن ٿيون

بارش ۾ پُسندي
دل هرڪائي ٿي
چوڙيون ڇڻڪن ٿيون

هٿ اشارن سان
ڳالهه ٻڌائي ٿي
چوڙيون ڇڻڪن ٿيون
چوڙيون ڇڻڪن ٿيون





سرتيون ڪنوار هٿن تي
گل ڇٽ سينگارن
ميندي ٿيون لائن

مُرڪي هڪ ٻئي کي
ياڪر ٿيون پائن
ميندي ٿيون لائن

تاڙيون وڄائي
لاڏا ٿيون ڳائن
ميندي ٿيون لائن

خوشيءَ مان ڪيڏيون
جهمريون ٿيون پائن
ميندي ٿيون لائن
ميندي ٿيون لائن

پرين رک ساھ ۾ جاني
مزو آ چاھ ۾ جاني

نہ کاتا رک حسابن جا
وفا جي راھ ۾ جاني
مزو آ چاھ ۾ جاني

نشو آ چاھتن ۾ جو
نہ آھي ڊاھ ۾ جاني
مزو آ چاھ ۾ جاني

اجالو ڪر حياتيءَ ۾
نہ رھ اونداھ ۾ جاني
مزو آ چاھ ۾ جاني

هليو اچ دل اندر هاٽي
اسان جي ساھ ۾ جاني
مزو آ چاھ ۾ جاني
مزو آ چاھ ۾ جاني





اندر ۾ پيچ ڊاھ
نيٽن ۾ پاٽي

بيماريءَ جو بسترو
مث ۾ آھي ساھ
نيٽن ۾ پاٽي

اثلي پيو اکين مان
دردن جو درياھ
نيٽن ۾ پاٽي

ماٹھو دوکي باز
سپ ثبگيءَ جو ثاھ
نيٽن ۾ پاٽي



# تروينيون





•

دوست آهي دور ڪيڏو
سال ٿيا ناهيون مليا

هو سدائين دل ۾ آ

•

درد جي شدت منجهان
لڙڪ ٿمندا ئي رهيا

سامهون آئينو هيو

•

ٻوڙندو هو رهيو
نفرتن ڪي ڪٽي

ڏوڙ ئي پيس پلئہ

•

زماني ڪان مليا آهن
اسان کي لڙڪ ۽ سڏڪا

اجا پي درد جاڳن تا

•

مرڪي تي هوءَ باغ ۾
پوپٽ تا جهومن پيا

منظر ڪيڏو موهيندڙ

•

ڏيئا ٽمڪن تا
يادن جا دل ۾ سوين

توڙي اوندهه آ

•

منهنجي ديد هلي وئي هئي
تو سان گڏجي ترين ۾

هاڻي نيڻ ڪيان ڪاڏي؟!

•

زلزلو آيو وڏو
پٽ پيون جايون سيئي

ڪي پٽِ پوندا ڪڏهن!؟





•

ڊائريءَ تي ڳڙيل لڙڪ
ڪجهه اکر ڌنڌلا هيا

تو پڙهيو هو منهنجو غزل

•

خاموشيءَ ڪان ڊپ تيو
ديوارن سان ڳالهايو

سڏ ڪتي گم تي ويا!

•

تو ڏني مون کي مني
تيز دل ڌڙڪي پئي

خواب ساپيان چو نہ تيو

•

يادگيريون ساڻ هن
ڄامشوري جون اجان

پر نہ هوءَ آ ساڻ چو

•

ڪيترا رستا هيا
دور سانجهيءَ ڏي ويا

تنهنجي گهر ڪوئي نہ ويو

•

چيم دل کي ڪيان پرزا
مگر ناڪام ٿي سوچيو

اتي تون پي تہ ڏڙڪين ٿي

•

ساري ٿو ملاح
سڪل سنڌوءَ ڪپ تي

چولين جا جوين

•

تون جڏهن ساٿ چنو
ايئن لڳو تنهن پل

چڻ ڪِرُيس آڪاش تان





•

نيڻ مون توڏي مڪا
خط ۾ آهن وجهي

تنهنجو من درشن ٿئي

•

لڙڪ سُڪي ويا هن
منهنجي ڪوتا ۾ شايد

هوندو ڪو سڏڪو

•

ڊائري ڪولي ڏٺي
شعر پيا جاڳن اتي

تون ڪڏهن پڙهندينءَ اچي!؟

•

دروازو آهي کليل
ورهين کان تنهنجي پرين

آهي دل اوسيئڙي ۾

رضوان گُل بُنيادي طور تي هڪ آرٽسٽ آهي ۽ سندس اها ئي خوبي، سندس شاعريءَ کي به خوبصورت ۽ آرٽسٽڪ بڻائي ٿي. عام طور تي شاعري پڙهڻ ۽ ٻُڌڻ تي پنهنجا اثر ڇڏيندي آهي، پر رضوان گُل جي سُهڻن رنگن سان ڊزائين ڪيل شاعري ڏسڻ ۾ به موهي وجهي ٿي. هڪ مڪمل شعر (غزل / نظم) ۾ اگر ڪا هڪ سِٽَ، ڪو استعارو، ڪا تشبيهه نکور ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ آهي، ته به اهو شعر ڪم جو ٿيندو، رضوان گُل جي شاعريءَ ۾ اهڙيون ڪوڙ سِٽون آهن، جيڪي کيس هڪ سُٺي ۽ سُهڻي شاعر طور آڏي ساموهون بيهارن ٿيون. شاعريءَ سان گهري دلچسپي، محبت ۽ محنت کيس ضرور هڪ ڏينهن سنڌي شاعريءَ ۾، پنهنجي حيثيت مڃرائڻ ۾ ڪامياب ڪندي.

23.02.2012 (اياز گُل)

رضوان گل پنهنجي شاعريءَ وسيلي ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ اهڙا گڻ ضرور موجود آهن جيڪي پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪرائين ٿا. رضوان وٽ تجربي هيٺ آيل موضوعن کي پنهنجي انداز سان بيان ڪرڻ جو فن آهي ۽ اهو ئي رستو کيس اڳتي هلي پنهنجي انفرادي سڃاڻپ عطا ڪندو.

رضوان جي اظهار ۾ جتي شعري دلڪشي ۽ نفاست جا رنگ آهن اتي فڪري لحاظ کان اهڙا احساس ۽ جذبا به آهن جيڪي اثر انداز ٿيڻ جي خصوصيت رکن ٿا.

(ادل سومرو)





رضوان! تنهنجي شاعريءَ ۾ تشبيهون ڪمال جون آهن، تشبيهه شعر جو روح هوندي آهي ۽ تنهنجي شعرن ۾ روح موجود آهي. تنهنجا لفظ بي جان نه پر ساهه کڻندڙ آهن. جن کي پڙهي ڪيتريون ئي رنگين تصويرون ذهن جي ڪئنواس تي اڀري اچن ٿيون.

2010 (طارق عالم ابڙو) 18 اپريل

رضوان گل نظم ۽ آزاد نظم به لکيا آهن پر هو پنهنجو ڀرپور اظهار غزل جي صنف ۾ ڪري ٿو، سندس خيالن ۽ محسوسات جي ڀرپور ترجماني غزل ئي ڪري سگهي ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ سادگي آهي پر ان ۾ پنهنجو حسن آهي. رضوان گل هڪ باصلاحيت تخليقڪار آهي ۽ هن جي شاعريءَ ۾ پختگي آهي.

(جامي چانڊيو)

منهنجي خيال ۾ جنهن شاعريءَ ۾ وڍيل جون وايون ۽ ڪنل جون ڪوڪارون شامل ناهن هونديون ان کي وقت جو ديوتا هميشه خاڪ جي ڍير وانگر اڏائي ڇڏيندو آهي. رضوان گل جي شاعري پڙهندي مون درد جي بي انتها شدت سان وڍيل جون وايون ۽ ڪنل جون ڪوڪارون محسوس ڪيون، تڏهن اهو احساس ٿيو ته وقت رضوان جي ان سورائتي سفر کي ان ماڳ مڪان تي ضرور رسائيندو، جتي شاعري زمان ۽ مڪان کان مٿي پائي هر دور جي ڏکيو ساهه کڻندڙ انسان جي درد جو دارون بڻجي پوندي آهي. (محمد علي پٺاڻ)

(دوستن جي آ نُهنڀ پِي گهري، دشمنن جي هزار ڀالن کان) واهه يارَ رضوان! تنهنجون اهي به سٽون اڄ ڪلهه جي گهڻي شاعريءَ تي ڀاري آهن!

2010 (اياز جاني) 4 جولاءِ